Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
روزاني
پاڪ
ڪراچي
website:www.dailypak.net
ABC CERTIFIED
TM-Reg:465078

جلد: 27 سومر 10 فيبروري 2025ع بمطابق 11 شعبان المعظم 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 088

سنڌو درياءَ تي ڪئنال اڏڻ واري منصوبن خلاف ايس ٽي پي جي جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ هالا ۽ مٽياري ۾ جلسا، وڪ وڪ تي آجيان

ڌرتي جي وسيلن جو ساهه ڏئي دفاع ڪبو، سنڌ دشمن منصوبا قبول نه آهن: ايس ٽي پي

جنگ ڏکي ضرور آهي پر جنگ ۾ سنڌي قوم سياسي جدوجهد سان ڪامياب ٿيندي ۽ بدمست حڪمرانن کي شڪست ملندي: قادر مگسي

عوامي جاڳرتا مهم بعد احتجاجي تحريڪ شروع ٿيندي، پهريون ڏاکو 24 فيبروري تي حيدرآباد ۾ لکين ماڻهو تاريخي احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا: خطاب

مٽياري/ هالا (نمائندن وٽان) سنڌو درياءَ تي ڪئنال اڏڻ واري منصوبن خلاف ايس ٽي پي جي جاڳرتا مهم جاري آهي. مهم جي سلسلي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جو قافلو مٽياري ضلعي ۾ پهتو جتي مختلف شهرن ۽ اسٽاپن تي قافلي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ايس ٽي پي جي سنڌو درياءَ تي ڪئنال اڏڻ واري منصوبن خلاف نڪتل جاڳرتا قافلي جي آجيان ڪئي پئي وڃي، ننڍي تصوير ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي خطاب ڪري رهيو آهي

سعودي عرب جو اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو کي سخت جواب

نيتن ياهو جو فلسطينين جي ٻي دخلي جو بيان رد ڪيون ٿا: سعودي پرڏيهي وزارت

واضح رهي ته اسرائيل سعودي عرب ۾ فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جو بيان ڏنو هو

رياض (م ڊ) سعودي عرب اسرائيلي وزيراعظم /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

قومي عوامي تحريڪ جو سمن ڳوٺ کان ميرپورخاص تائين پيادل مارچ، اياز لطيف پليجو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب آڏو جلسو، سنڌو بچائڻ جو عزم

سنڌو ندي تي يلغار قبول ناهي، مفادن لاءِ سنڌ کي اڙاهه ۾ اڇلايو پيو وڃي: اياز لطيف

ارسا، واپڊا، سي ڊي ڊبليو پي ۽ سي سي آءِ تعصب سان ڀريل ادارا ثابت ٿيا آهن، وفاقي ۽ صوبائي حڪمران سنڌ جي عوام جو استحصال بند ڪن

سنڌ سرڪار ۽ پيپلزپارٽي نون ڪئنال بابت پنهنجو موقف واضح ڪري ۽ ڀرپور مزاحمت جو اعلان ڪري، حڪمران ذاتي مفادن جي لاءِ پاڪستان جي مستقبل سان ڪيڏي رهيا آهن

ڪئنال ٺهي ويا ته پاڻي ڦرڻ لاءِ سڪي ويندا سين، پيئڻ لاءِ ته ٿيهو غسل جيترو پاڻي به ڪونه ملندو: ڪيواءِ ٽي سربراهه جو ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو جلسي کي خطاب

ميرپورخاص: ڪيواءِ ٽي جي نڪتل پيادل مارچ ڪي اياز لطيف پليجو ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن

ميرپورخاص (رپورٽ: گل محمد سولنگي) چولستان سميت 6 ڪئنال ڪڍي سنڌو درياهه تي ڌاڙي، ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين پاڪستان جي نالي ۾ سنڌ کي بنجر بڻائڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ جو پيادل مارچ ستين ڏينهن/ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ڪئنالن ۽ زمينن تي والار خلاف جسقم آريسر جو سکر مان نڪتل پيادل مارچ پٽ شاهه پهتو، لطيف جي درگاهه تي حاضري

سنڌو درياهه اڇيو آهي، ڌرتي کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪامياب ٿيڻ نه ڏبي: اسلم خيرپوري

حاضري ڀرڻ ڀٽائي گهوٽ کي سنڌ ڌرتي سان ٿيندڙ زيادتين جي دانهن ڏني آهي: جمن لاکو/ وحيد سنڌي

پيادل مارچ ڪنبو اسٽاپ تي پهچي اسٽاپ ڪيو، رات پٽ شاهه ۾ ترسڻ بعد صبح جو پنهنجي منزل طرف روانو ٿيندو

پٽ شاهه (ن پاڪ) سکر مان نڪتل جسقم آريسر گروپ جو پيادل مارچ پٽ شاهه پهتو سنڌو دريا مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف جسقم آريسر گروپ پاران سکر کان ڪراچي تائين پيادل مارچ شروع ڪيو ويو، اسلم خيرپوري، ڪامريڊ جمن /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

”سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو نامنظور“ عوامي تحريڪ جو مڪلي کان ٺٽي تائين مارچ

مارچ ۾ سنڌياڻي تحريڪ جون نارين نوجوان به وڏي انگ ۾ پڻ شريڪ هئا، مختلف هنڌن تي ساندار آجيان

سنڌوءَ کي سڪائي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازش تي حڪمران عمل پيرا آهن: وسند ٿري

پ پ جي ڪئنالن خلاف موقف مبهم ۽ منافقانو آهي واپڊا چيئرمن جي بيان پ پ جي زرداري ٽولي جي منهن تي چماٽ آهي: خطاب

ٺٽو (رپورٽ رمضان ميمڻ) سنڌو درياءَ مان تڪراري 6 ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ توڙي زمينن تي والار خلاف عوامي تحريڪ پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

ٺٽو: عوامي تحريڪ پاران ڪئنالن خلاف مڪلي کان ٺٽو ڏانهن نڪتل احتجاجي مارچ جو ڏيک

ڪامران ٽيسوري
پنهنجي پارٽي ۾ اختلافن
تي ڌيان ڏئي: سعيد غني

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ڪاتن واري وزير /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

عمران جي دل ۾ڇا آهي ان تي
مان ڪجهه نٿو چئي سگهان:
علي امين گنڊاپور

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور/ڏسو صفحو 3 بقايا 19

ميئر ڪراچي پاران ڪي ايم سي جون سمورين پارڪنگ مفت ڪرڻ جو فيصلو

ڪي ايم سي جي پارڪنگ سائٽس تان جلد کا فيس وصول نه ڪئي ويندي: مرتضيٰ وهاب

ڪي ايم سي هاڻ پنهنجي پيرن تي بيٺي آهي، اهو فيصلو عوامي مفاد ۾ ڪيو ويو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن/ڏسو صفحو 3 بقايا 35

موجوده سرڪار ڌانڌلي ذريعي آئي، عوام روڊن تي آيو ته ايوان ڏڏي ويندا: فضل الرحمان

موجوده پارليامينٽ جي ڪا به حيثيت نه آهي، منهنجي پارليامينٽ عوام آهي

ڪير به قاديانيت نٿو آڻي سگهي، قاديانيت يهودين جي پيداوار آهي: جي يو آءِ سربراهه

مردان: (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

وزيراعظم مدد پيڪيج تحت سروس دوران لاڏاڻو ڪري ويندڙ ملازم جي ڪٽنب هڪ ميمبر کي نوڪري ڏيڻ وارو معامرو

وفاق سهولت واپس وٺي ڇڏي، اسٽيبلشمينٽ ڊويزن پاران ميمورنڊم جاري

سهولت سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي روشني ۾ واپس ورتي وئي: نوٽيفڪيشن

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم مدد پيڪيج تحت /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

شرجيل انعام ميمڻ جي هدايتن تي روڊ سيفٽي ڪميٽي جون ڪارروائيون، 44 گاڏيون چالان

سينيئر صوبائي وزير جي هدايتن تي عملدارن ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائيون ڪيون

چيڪنگ دوران 92 گاڏيون چيڪ ڪيون ويون، جن ۾ ڀڃڪڙي ڪندڙ 44 گاڏين کي چالان ڪيو ويو آهي

ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن تي مجموعي طور 3,34,360 رپيا ڏنڊ لڳايو ويو: اعليٰ اختيارين

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي هدايتن تي، سنڌ روڊ سيفٽي ڪميٽي ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائيون جاري

رڪندي اثرائتو آپريشن ڪيو جنهن دوران 92 گاڏين جي جاچ ڪئي وئي، 44 گاڏين کي چالان ڪيو ويو جڏهن ته 7 گاڏين کي تحويل ۾ وٺي، هڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا 38

پرڏيهي وزير جو ايراني هم منصب سان رابطو، غزه صورتحال تي ڳالهيون

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ ايراني هم منصب عباس عراقچي وچ ۾ ٽيليفون تي رابطو ٿيو

ٻنهي پرڏيهي وزيرن غزه ۾ فلسطينين جي خراب حالت تي ڳالهين جي ڏي وٺ ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق/ڏسو صفحو 3 بقايا 39

صدر زرداري پرنس ڪريم آغا خان جي لاڏاڻي تي تعزيت لاءِ پرتگال روانو

آصف علي زرداري لزبن ۾ پرنس ڪريم جي پٽ پرنس رحيم آغا خان سان ملاقات ڪندو

صدر، پرتگال جي صدر مارسيلو ريبيلوڊي سوسا سان به ملندو

اسلام آباد: (م ڊ) صدر آصف علي زرداري پرنس ڪريم /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

سنڌ جي قومپرست جماعتن پاران سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ واري فيصلي کي رد ڪندي ڀرپور جدوجهد ڪرڻ تي اتفاق

ڄامشورو ۾ سنڌو بچايو تحريڪ جو اجلاس زين شاهه جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

ڄامشورو (ٻر) سنڌ جي قومپرست جماعتن سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ واري فيصلي کي رد ڪندي ڀرپور جدوجهد ڪرڻ تي اتفاق /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

26هين ترميم آئين جو حصو آهي، اکيون بند نه ڪنداسين: جسٽس محمد علي مظهر

26هين ترميم هن وقت آئين جو حصو آهي، سڀ ڪجهه کليل ڪتاب جيان چٽو آهي، اکيون بند نه ڪبيون

اهو صحيح آهي ته ترميم چيلينج ٿي، پر ڪيس فل ڪورٽ ۾ اماڻڻ جي درخواست جو ميرٽ تي فيصلو ٿيندو

هن ترميم کي پارليامينٽ يا سپريم ڪورٽ جو فيصلوئي ختم ڪري سگهي ٿو: 20 صفن تي ٻڌل نوٽ

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي جسٽس محمد علي مظهر ججز جي اختيارن بابت نوٽ ۾ لکيو آهي ته 26هين ترميم آئين جو حصو آهي، انهي تي ڪن يا اکيون بند نٿا ڪري سگهون. جسٽس محمد علي مظهر 20 صفحن تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

”ڪشمور ۾ ضلعي لاقانونيت جو راڄ“ ڌاڙيلن پيتي جي پرچي سان گڏ راڪيٽ لانچر اماڻي ڇڏيو

ڌاڙيل، صحافي ڊاڪٽر سندر داس بالاڻي جي ڪلينڪ تي پهچي سندس عملي وٽ پيتي جي پرچي ۽ راڪيٽ لانچر ڇڏي ويا

ڊاڪٽر کي هي گفٽ ۽ نياپو ڏيوس ته پئسن سوڌو واپس موڪلي نه ته تڪليفن سان منهن ڏيڻو پوندس: ڌاڙيلن جو نياپو

سندر داس بالاڻي ڊاڪٽر هجڻ سان گڏوگڏ سينئر صحافي پڻ آهي، واقعي بعد ڪشمور جي ٻين صحافين ۾ به ڊاءُ پکڙجي ويو

غوثپور (حاجي شاهنواز شيخ) ڪشمور ضلعي اندر ڌوهارين پاران عام شهري، هندو برادري ڪان پوءِ صحافين کي پيتي جون پرچون ۽ راڪيٽ لانچر/ڏسو صفحو 3 بقايا 20

جماعت اسلامي اڳواڻ محمد يوسف پاران ڌرتي واري هنڌ جو دورو، هدايتون جاري

سياسي، سماجي توڙي واپاري اڳواڻن عوامي ڌرڻي ۾ شرڪت جي دعوت

سنڌ کي ڌاڙيل راڄ، ظالم وڏيرن، ڀوتارن ۽ سردارن جي حوالي ڪيو ويو آهي: نصرالله چنا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ”امن بحالي ايڪشن ڪميٽي“ جي اعلان تي جماعت اسلامي پاران 16 فيبروري تي امن امان جي بدترين صورتحال ۽ ڌاڙيل/ڏسو صفحو 3 بقايا 21

غوثپور: ڌاڙيلن پاران صحافي کي پيتي لاءِ اماڻيل پرچي ۽ راڪيٽ لانچر

راڻيپور مان شهداءِ قلندر لعل شهباز جي ورسي قافلو سيوهڻ لاءِ روانو

ايس يو سي جو سوپوديرو مان نڪتل قافلو مختلف رستن کان ٿيندو راڻيپور پهتو

قافلو شهداءِ جي ورسي ۾ شرڪت ڪري پيتا پيش ڪندو: شعا تنظيم جا اڳواڻ

راڻيپور (رپورٽ: ماجد ملاح) راڻيپور شهداءِ قلندر لعل شهباز جي ورسي لاءِ ايس يو سي جي قافلي جي سوپوديرو مان روانگي ٿي گڏري، شيعا /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

لکي ويجهو ٽريڪٽرٽرالي موٽرسائيڪل سوارن تي چڙهي وئي، ٻه عورتون چيپاٽجي فوت

جهان خان ٽاٽي جي حد ۾ دودو ڳوٺ اسٽاپ وٽ ٽريڪٽرٽرالي موٽرسائيڪل سوار مٿان چڙهي وئي

حادثي ۾ جنت خاتون ۽ نصيباب خاتون بگٽي ٽڏي تي دم ڏنو، عبدالڪريم، گل ناز ۽ نينگري وحيده زخمي ٿيا

اطلاع تي حد جي پوليس پهچي فوتين جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو، حادثي هنڌ تان ڊرائيور فرار ٿي ويو

لکي غلام شاهه (رپورٽ گوگي رام) لکي غلام شاهه لڳ جهان خان ٽاٽي جي حد ۾ سکر شڪارپور قومي شاهراه وٽ دودو ڳوٺ اسٽاپ پرسان ٽريڪٽرٽرالي هيٺيان اچي موٽرسائيڪل سوار 2 عورتون چيپاٽجي فوت جڏهن هڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

دادو ۾ پيئڻ جي پاڻي، ڊرينيج ۽ روڊ رستن جون سهولتون اڻلڀ، شهرين جو ڌرڻو

بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف شهرين مجيب پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو

شهر ڪنڊرات بڻجي ويو آهي ڪامورا ڪرپشن کان سواءِ ڪجهه نه ٿا ڪن: اياز سولنگي/ شاهد پنهور/ غفور شاهه

اعليٰ اختيارين فوري نوٽيس وٺن، شهر ۾ فرض شناس آفيسر مقرر ڪري سهولتون ڏنيون وڃن: طاهر لغاري ۽ ٻيا

دادو (ڊ ر) دادو ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي جي کوٽ، ڊرينيج، روڊ رستا تعمير نه ٿيڻ ۽ شهر ڪنڊرات بڻجي وڃڻ خلاف سماجي تنظيم جي سڏ تي مجيب پنهور، ڊاڪٽر شاهد پنهور، صادق مري، سيد غفور شاهه، جاويد قمبراڻي، عابد ڀرڳڙي/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

دادو: سماجي تنظيم پاران روڊس کاتي، ايريگيشن عملدار، ٺيڪيدار ۽ ڪلارڪ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪي اين شاهه ۾ پورهيتن جو چونڊيل نمائندن خلاف مظاهرو

2022ع واري مها ٻوڏ ڪانپوءِ قديمي روڊ اجڙي چڪو آهي: سجاد/ عثمان چانڊيو

شهر وڃڻ لاءِ مشڪلاتون آهن، فوري طور نهرائي بيچيني ختم ڪئي وڃي: مطالبو

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ پورهيت مزاحمت تحريڪ پاران يوسي گاڏهي جي چونڊيل نمايندن خلاف هڪ دفعو ٻيهر احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين ۾ ڳوناٺن سجاد چانڊيو، عثمان چانڊيو، پورهيت مزاحمت تحريڪ جي اڳواڻ ماجد ٻگهيو، جميل چانڊيو يوٿ پارليامنٽ جي اڳواڻ حسين/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

خيرپور ناٿن شاهه: سماجي تنظيمن پاران ڪاڇي جي رستن جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي، ٻي تصوير ۾ زبون حال ٽٽل رستا نظر اچي رهيا آهن

ڪشمور ۾ ايس يو پي جو ڪئنالن خلاف احتجاجي ريلي ۽ مارچ

مارچ ۾ جسقم، عوامي تحريڪ، عوامي ورڪرز پارٽي سميت مختلف تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شرڪت

مارچ ۾ شريڪ ماڻهن پاران سنڌو تي ڌاڙو نامنظور پاڻي تي ڌاڙو نامنظور، ڪشمور جو امن بحال ڪرايو جا زوردار نعرا

سوچيل سمجهيل سازش تحت سنڌو درياءَ تي ڌاڙو هڻي سنڌ سڪائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي: حضرت الله مزاري

ڪنڌڪوٽ (رپوٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور ۾ سنڌو درياءَ مان نڪرندڙ غير قانوني ڪئنالن /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

ڪنڌڪوٽ: ايس يو پي ڪارڪن سنڌو درياهه تي گل نڇارو ڪري پيتا ڏئي رهيا آهن

غوثپور ۾ صحافي کي ملندڙ
ڌمڪين جي مذمت، اڄ
احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو

غوثپور (حاجي شاهنوازشيخ) غوثپور پريس ڪلب جي صحافي ڊاڪٽر سندر لال کي ڌوهارين پاران راڪيٽ لانچر گولو ۽ پيتي جي پرچي موڪلڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

جڊيشل ڪميشن جي ميمبر علي ظفر اڄوڪو اجلاس ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪري ڇڏي

سينيٽر علي ظفر چيف جسٽس کي اڄ ٿيندڙ 8 ججن جي مقرري بابت اجلاس ملتوي ڪرڻ لاءِ خط لکي ڇڏيو

خط ۾ اسلام آباد ۾ ججن جي سينارٽي تڪرار جو حوالو ڏيندي لکيو ته معاملو حل ٿيڻ اجلاس ملتوي ڪيو وڃي

سپريم ڪورٽ جا 4 جج به اجلاس ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪري چڪا آهن: علي ظفر طرفان لکيل خط ۾ موقف

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ 8 ججن جي مقرري جي معاملي تي جڊيشل ڪميشن ميمبر /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

سنڌ سرڪار پاران ٽيهن ئي ضلعن ۾ سنڌ پنڪ گيمز ڪرائڻ جو اعلان

سنڌ پنڪ گيمز اڄ کان شروع ٿينديون، پندرنهن فيبروري تائين جاري رهنديون

گيمز ۾ سنڌ جي 30 ضلعن مان 6 هزار کان وڌيڪ عورتون حصو وٺنديون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت ڪراچي سميت صوبي جي 30 ضلعن ۾ سنڌ پنڪ گيمز 2025 ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي، جنهن جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ڊي ڪي مري ۾ نوجوان پکي ۾ ڦاهو کائي مبينا آپگهات ڪري ڇڏيو

مصرجيواهه واسي نوجوان ظهير پٽ عبدالستار ڏاهري ڦاهو کائي زندگي ختم ڪئي

نوجوان جو ذهني توازن درست نه هيو، جنهن سبب هن اهڙو قدم کنيو: فوتي جا وارث

دريا خان مري (ن پاڪ) دريا خان مري پرسان مصرجيواهه ۾ مبينا طور ڦاهو کائي نوجوان آپگهات ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو تفصيل موجب/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

آئي سي سي ڪراچي ۾ ٽيم جي تمام گهڻو فخر آهي: مرتضيٰ وهاب

چيمپيئنز ٽرافي جو انعقاد عالمي سطح تي ڪرڪيٽ لاءِ هڪ سٺو پيغام آهي

اسٽيڊيم ۾ پاڻي سميت تمام تر سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن: ميئر ڪراچي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي کي آئي سي سي چيمپيئنز ٽرافي 2025 جو حصو بڻجڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

ٻاهرين ملڪن ۾ غيرقانوني ڪمن ۾ ملوث 118 پاڪستاني ڊي پورٽ

آمريڪا، جاپان، ڪوريا، ٿائيلينڊ سميت 15 ملڪن پاڪستانين کي ڏيهه موڪلي ڇڏيو

ڪجهه ماڻهن کي ڪراچي ايئرپورٽ لهڻ سان گرفتار ڪيو ويو آهي: اميگريشن ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) آمريڪا، جاپان، ڪوريا، سينيگال،/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

مهراڻ يونيورسٽي ماڊل يونائيٽيڊ نيشنز جون تقريبون پڄاڻي تي پهتيون، ٿيٽر ڊرامو پيش ۽ مڃتا ايوارڊ تقسيم

انجنيئرنگ پڙهڻ جو مطلب ناهي انجنيئر ٿيو پاڻ ميڙائڻ جو ڏانءُ هجي: چيف سيڪريٽري سنڌ

جيئن ڊاڪٽر هائوس جاب ڪندا آهن، ايئن انجنيئر پڻ صنعتي ادارن ۽ ڪمپنين ۾ ڪم ڪن: سيد آصف حيدر شاهه

”ميوٽ من“ کي ڏهه سال مڪمل ٿيا آهن، خوشي ٿي آهي جو آصف حيدر شاهه پڻ مهراڻ جو شاگرد رهيو آهي: وي سي

ڄامشورو (رپورٽ: حاڪم چانڊيو) مهراڻ يونيورسٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا 46

ڄامشورو: ميوٽ من جي پڄاڻي تي خاص مهمان شاگرديائي کي ليپ ٽاپ ڏئي رهيو آهي

وفاءِ تنظيم براءِ پينشنرز اڄ ڪراچي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي

پينشن سڌارن جي نالي تي حق ماريا پيا وڃن: احمد سلمان شاهين

عدالتي فيصلي باوجود گروپ لائيف انشورنس جي ادائيگي ۾ دير ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) وفاءِ تنظيم براءِ پينشنرز صوبي سنڌ جي اڳواڻن وفاقي حڪومت پاران پينشن سڌارن جي نالي تي عمر رسيده /ڏسو صفحو 3 بقايا 48

نوشهروفيروز واسي جي گم ٿيل ڪار
سعيد موسائٽي پوليس هٿ ڪري ورتي

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز جي شهري احسان علي ميمڻ پريس ڪلب پهچي سندس گم ٿيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 47

سڪرنڊ پرسان گيهه سان ڀريل مزدا ڦر

ايڪسائزي پوليس جي وردي پهريل 6 ڄڻن قومي شاهراهه تان مزدا ڦري

جوابدار گاڏي مان گيهه جا ٽن لاهي رهيا هئا ته علائقي واسين پڪڙيو وڌو، پوليس حوالي

سڪرنڊ (ن پاڪ) قومي شاهرا تي مزدا گيهه سان ڀريل گاڏي ڪراچي کان سڪرنڊ ايندي ايڪسائز پوليس جي وردي ۾ 6 ملزمان 10 ٽن گيهه جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

ڪنڌڪوٽ ۾ گولا برادري جو پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاج

سي سيڪشن انچارج سفير جاگيراڻي مسلسل ناجائزيون پيو ڪري: اشرف گولو

انچارج سفير جاگيراڻي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف ڏياريو وڃي: مطالبو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) گولا موڙ جي رهواسي اشرف علي گولو، بادل علي گولو ۽ ٻين ميڊيا سينٽر آڏو احتجاج ڪندي دانهيندي/ڏسو صفحو 3 بقايا 27

ميهڙ ۾ سنڌو درياءَ تي ڌاڙي خلاف سنڌ سڀا جو 3 ڪلوميٽر پيادل مارچ ۽ ڌرڻو

سنڌ سڀا پاران وحيد مهيسر جي اڳواڻي ۾ باءِ پاس کان گهنٽا گهر تائين پيادل مارچ ڪري ڌرڻو هنيو ويو، نعريبازي

پنجاب سنڌو درياهه مان 6 تڪرار ڪئنال ڪڍي سنڌ جي سرزمين بنجر ڪرڻ چاهي ٿو: وحيد مهيسر/ سرتاج/ راجا

پاڻي تي ڌاڙو ڪافي نه هيو ته مٿان وري سنڌ جي زمينن تي به قبضو ڪيو پيو وڃي، هاڻ برداش نه ڪنداسين: خطاب

ميهڙ: سنڌ سڀا پاران تڪراري ڪئنالن خلاف احتجاجي مارچ ڪيو پيو وڃي

ميهڙ (رپورٽر) سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڌاڙي ۽ 6 ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌ سڀا پاران ميهڙ باءِ پاس کان گهنٽا گهر چوڪ تائين سنڌ سڀا اڳواڻ وحيد مهيسر، راجا لنڊ، راجا سولنگي، سرتاج چانڊيو/ڏسو صفحو 3 بقايا 49

نوشهروفيروز جي يو بي ايل برانچ جي
اي ٽي ايم مشين مان رقم ڪڍڻ جي
ڪوشش دوران شاهينگ سوگهو

نوشهروفيروز (ڊ ر) يوبي ايل نوشهروفيروز برانچ جي ATM مشين تي ڌاڙو، ماڻهن هڪ شاهينگ پڪڙي ورتو 2 فرار. خبر موجب نوشهرو فيروز /ڏسو صفحو 3 بقايا 50

شهدادپور ويجهو موٽر سائيڪل ۽ ڪيري ۾ ٽڪر، پيرسن فوت

مقصود رند پرسان ڪيري ۽ موٽرسائيڪل ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار پيرسن غلام حيدر عمراڻي ٽڏي تي فوت ٿي ويو

شهدادپور (رپورٽ: رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ويجهو مقصودو رند پرسان ڪيري ۽ موٽرسائيڪل ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو. ٽڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽروپول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

سومر 10 فيبروري 2025ع بمطابق 11 شعبان المعظم 1446هه

EDITORIAL

چارجڊ پارڪنگ مفت ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) سمورين پارڪنگ سائٽس مفت ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪي ايم سي جي پارڪنگ سائٽس تان جلد ڪا فيس وصول نه ڪئي ويندي، اهو فيصلو عوامي مفاد ۾ ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ڪي ايم سي هاڻ پنهنجي پيرن تي بيٺي آهي، ان جي اڪائونٽ ۾ ٻه ارب روپين کان وڌيڪ جي رقم موجود آهي، ڪي ايم سي کي 4 کان 5 ڪروڙ روپين جي ضرورت ناهي. سنڌس چوڻ هو ته نوٽيفڪيشن جاري ڪري پارڪنگ فيس جو بار هٽايو ويندو، ڪي ايم سي جي نالي تي غيرقانوني پيسا وٺندڙن کي گرفتار ڪيو ويندو. ڪراچي جي 106 مرڪزي روڊن تي 46 پارڪنگ سائٽس تان فيس نه ورتي ويندي. عوام کي سهولت فراهم ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي. مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي جي 25 ٽائونز، 6 ڪنٽونمينٽ بورڊز ۾ پارڪنگ فيس برقرار رهندي. هوڏانهن ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي کي آئي سي سي چيمپيئنز ٽرافي 2025 جو حصو بڻجڻ تي اسان کي تمام گهڻو فخر آهي ۽ ميزبان شهر جي حيثيت سان ڪراچي پنهنجي ڪرڪيٽ جي بنيادي ڍانچي ۽ سڄي دُنيا جي ٽيمن سميت مداحن جي مهمان نوازي ڪرڻ جي لاءِ اسين مڪمل طور تي تيار آهيون هن چيو ته شهر جي بنيادي ڍانچي جي ترقي ۾ هڪ اهم اسٽيڪ هولڊر جي حيثيت سان اسين پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ سان مڪمل تعاون ڪري رهيا آهيون جڏهن ته چيمپيئنز ٽرافي جي دوران پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي خدمتن کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ اسين پرعزم آهيون ۽ ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جا مختلف ادارا بشمول ڪي ايم سي ۽ واٽر ڪارپوريشن پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن سان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن ته جيئن هن بين الاقوامي ايونٽ کي ڪامياب ۽ يادگار رکي سگهجي هن چيو ته اسان کي هن باوقار بين الاقوامي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي ميزباني ڪرڻ تي فخر آهي ۽ پي سي بي اختيارين سميت چيمپيئنز ٽرافي ۾ حصو وٺندڙ سمورين ٽيمن ۽ مداحن کي يقين ڏياريون ٿا ته اسين توهان کي هڪ آرامده ۽ خوشگوار ماحول کي يقيني بڻائيندي بغير ڪنهن رڪاوٽ جي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر خدمتون فراهم ڪنداسين ميئر ڪراچي چيمپيئنز ٽرافي جي ميزباني ڪراچي کي ڏيڻ تي پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته ڪراچي ۾ چيمپيئنز ٽرافي جو انعقاد عالمي سطح تي ڪرڪيٽ جي لاءِ هڪ سٺو پيغام آهي ٻئي طرف ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ جي هدايتن تي ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان آئي سي سي چيمپيئنز ٽرافي 2025 جي حوالي سان نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي انتظامن بابت هدايتون جاري ڪري ڇڏيون ان ڏس ۾ ايس او ٽو ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن سردار شاهه خط جاري ڪندي لاڳاپيل اختيارين کي چيو ته چيمپيئنز ٽرافي کان اڳ نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۽ ان جي آس پاس ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا انتظام مڪمل ڪيا وڃن ۽ سمورين شڪايتون مڪمل طور تي ختم ڪيون وڃن فوڪل پرسن برائي هائيڊرنٽس سيل شهباز بشير سمورن جڏهن ته ايگزيڪيوٽو انجنيئر ورڪشاپ شفقت حسين ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر سيوريج وقار احمد نيڪالي جي انتظامن جي نگراني ڪندا ان کان علاوه چيمپيئنز ٽرافي جي دوران اسٽيڊيم ۾ مفت واٽر ٽينڪرز فراهم ڪيا ويندا ۽ اسٽيڊيم اندر واٽر ٽينڪرز جيٽنگ ۽ سڪشن مشينون موجود رهنديون جڏهن ته ڪنهن به شڪايت يا هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ واٽر ڪارپوريشن جو عملو اسٽيڊيم ۾ موجود رهندو.

آءِ ايم ايف جا شرط ۽ سرڪار جون ڪوششون

اعجاز ممنائي

پاڪستان آءِ ايم ايف جو ميمبر 11 جولاءِ 1950 ع ۾ ٿيو هن جيڪو پهريون قرض کنيو اهو اڳوٽي فوجي صدر ايوب خان 8 ڊسمبر 1958 ع ۾ منظور ڪرايو. پر اها رقم استعمال نه ٿي سگهي. ان جي مدت پوري ٿي وئي. وري ٻيهر صدر ايوب منٿ ميڙ ڪري آءِ ايم ايف ڏانهن وري رجوع ڪيو. ان کان پوءِ پاڪستان کي 1968 ع ۾ 7.5 ڪروڙ ايس ڊي آرز جو قرض منظور ڪرايو. جيڪو پوءِ استعمال ڪيو ويو. جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ 4 دفعا آءِ ايم ايف ڏانهن رجوع ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ 8.4 ڪروڙ ايس ڊي آر جو قرض منظور ڪرايو ويو ان مان هڪ ڀيرو جڏهن 10 ڪروڙ منظور ڪرايا ويا. ان مان 8.4 ايس ڊي آرز استعمال نه ٿي سگهيا. باقي رقم استعمال ٿي پر پوءِ به ان رقم مان اٽڪل سورنهن سيڪڙو قرض وري به واپس ڪيو ويو. جنرل ضياءالحق به هڪ ٻه ڀيرا قرض کنيو جنهن مان هو 15 فيصد استعمال نه ڪري سگهيو. بينظير ڀٽو جي دور ۾ قرض کنيو ويو. نواز شريف جي دور ۾ پڻ قرض کنيا ويا. نوازشريف ۽ بينظير ڀٽوجي دور جي سڀني قرضن جي استعمال جو تناسب گهٽ رهيو. پر پوءِ به پرويز مشرف جي دور ۾ وري قرض جي استعمال جي شرح بهتر رهي. هڪ ڀيري ته سڀ جو سڀ قرض استعمال ڪيو ويو جڏهن ته نواز شريف جي دور ۾ 20 آڪٽوبر 1997 ع ۾ 45.492 ايس ڊي آر قرض حاصل ڪيو ويو. پر ان هوندي به 75 سيڪڙو قرض واپس ٿي ويو. جيئن ته پاڪستان 1958 ع کان وٺي 2004 ع تائين. جيڪو قرض منظور ڪرايو آهي. اهو 6.84 ارب ايس ڊي آرز آهي. جنهن ۾ 4.84 ايس ڊي آرز ارب استعمال ٿيا. جنهن ۾ 65 سيڪڙو استعمال ٿيو باقي 35 سيڪڙو واپس ٿيو. آءِ ايم ايف پنهنجي رپورٽ ۾ خود ٻڌايو آهي ته 1999 ع کان پهريائين آءِ ايم ايف جا شرط ايڏا سخت نه هئا جيڏا 1999 ع کان پوءِ ڪيا ويا آهن. جنهن ۾ 2000 ع ۾ اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ ۽ poverty reduction growth facility (پي آر جي ايف) تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو. ان سلسلي ۾ سي بي آر کي ٽيڪسن جي وصولي وڌائڻي پئي. واپڊا کي ڏنل سبسڊي گهٽائي وئي. ڪي اي ايس سي جو مسلسل خسارو ۽ آءِ ايم ايف جي شرطن تي عمل جي رفتار سست رهي. 2000 ع ۾ اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ تحت پاڪستان سان هڪ معاهدو ڪيو جنهن ۾ اٽڪل 56 ڪن شرط هئا. ان ئي معيار تي پاڪستان جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي پاڪستان جي پاران ادا ڪيل پرفارمنس جي criteria مقرر ڪئي وئي. جڏهن ته جي آر اي جي اصول تحت عام طرح سان شرطن جو تعداد وڌ ۾ وڌ 19 هوندو آهي. شرطن جي تعداد ۾ اضافو پاڪستان جي نااهلي جي ڪري ڪيو ويو. آءِ ايم ايف جو چوڻ هو ته اسان کي شڪ آهي ته توهان اسان جي شرطن تي پورا نه لهندا. پر پوءِ به پاڪستان انهن جي شرطن تي پورو لٿو عام طور تي آءِ ايم ايف، جي آر اي جي سلسلي ۾ 89 فيصد ۽ پي آر جي ايف جي سلسلي ۾ 84 فيصد شرطن تي عمل ڪرائڻ کي مناسب سمجهندو آهي. پاڪستان ان معيار تي پورو لٿو. مشرف حڪومت پي آر جي ايف جي سلسلي ۾ 90 فيصد عمل ڪيو. پاڪستان کي ڊسمبر 2008 ۾ مليل قرض تي 37.62 ملين ايس ڊي آر ادا ڪرڻيون آهن. ان تي مزي جي ڳالهه اها آهي ته ان رقم تي 14.636 لک ڊالرز جو وياج پڻ آهي. هن سال يعني 2009 ع جي ڊسمبر تائين پاڪستان کي آءِ ايم ايف جي ان قرض کان علاوه وڌيڪ 45 لک ڊالرز ٻيا به وياج جي مد ۾ ادا ڪرڻا آهن. 2001 ع ۾ پاڪستان کي آءِ ايم ايف کي اصل رقم تي 17.228 ڪروڙ ڊالرز ايس ڊي آرز جا ادا ڪرڻا آهن. ان کان سواءِ وياج الڳ آهي. 2011 ع ۾ بطور ايس ڊي آر 17.28 ڪروڙ ۽ 27.4 لک وياج طور ڏيڻا آهن. 20012 ع جي قسط ۾ 14.65 ڪروڙ ايس ڊي آرز وياج جي مد ۾ 19.1 ايس ڊي آرز ادا ڪرڻا آهن. ان معاهدي ۾ پاڪستان کي پهرين نومبر 2023 تي آءِ ايم ايف جو سڄو قرض لاهڻو آهي. وياج سميت پاڪستان کي آءِ ايم ايف جا اٽڪل 80 ڪروڙ ايس ڊي آرز ادا ڪرڻا آهن. جڏهن ته 24 فيبروري 2009 ع تي آيل رپورٽن ۾ تازي صورتحال جيڪا ظاهر ٿي آهي ته هيءَ حڪومت هنن ائن مهينن جي دوران 8 ارب ڊالر وٺي چڪي آهي. جنهن ڪري ملڪ جي ورتل سڀني قرضن جو رڪارڊ ٽٽي ويو. حڪومت پوءِ به 4.5 ارب ڊالرز جي گهر ڪئي آهي. جنهن جو وري ايندڙ سال تائين 7 سو ارب روپيا وياج ڏيڻو پوندو. ان قسط ملڻ سان پاڪستان ساڍا 12 ارب ڊالر قرض حاصل ڪري وٺندو. جيڪو پاڪستان جي سڄي تاريخ جو سڀ کان وڏو قرض هوندو. ماهرن جي مطابق مالي سال 2010_2009 ع جي دوران ان سڄي قرض تي 7 سو ارب روپين کان وڌيڪ وياج جي ضرورت پوندي. جيڪو ايف بي آر جي سڄي سال جي ٽيڪس جي وصولن جو 44 فيصد جي برابر هوندو. وزارت خزانه جي مطابق 30 جون 2009 ع تائين پاڪستان تي ٻاهرين ملڪن جي قرضن جو بوجهه 55 ارب ڊالرن تائين پهچي ويندو. جيڪو هن وقت اهو 50 ارب ڊالر جو بوجهه آهي. ماهرن جي چوڻ مطابق پاڪستان جي اندر قرضن جو بوجهه ساليانه 2 يا 3 فيصد وڌندو هو پر هن سال اهو بوجهه تيزي سان سڀ رڪارڊ ٽوڙي 15 فيصد تائين وڌي ويو، جنهن جي ڪري معاشي بدحالي جي بدترين صورتحال پيدا ٿي وئي. ماهرن جي مطابق موجوده حڪومت هڪ سال جي اندر ملڪ تي 2000 ارب روپين جو قرض جو بوجهه وڌائي ڇڏيو. جڏهن ته ملڪ جي 60 سالن جي تاريخ ۾ 5000 هزار 9 سو ارب روپيا هئا پر موجوده حڪومت 8.7 مهينن ۾ 2000 هزار ارب ڊالر جو بوجهه وڌائي ڇڏيو. 31 ڊسمبر 2002 ع ۾ پاڪستان تي قرض جي شرح ڏيڍ ارب ايس ڊي آرز هئي. پاڪستان جهڙي غريب ملڪ جي لاءِ آءِ ايم ايف توڙي ٻيا قرض ڏيندڙ مالي ادارا هڪجهڙا آهن. انهن سڀني جا جهڙوڪر شرط به ساڳيا آهن. جڏهن بجلي جي بلن جي ماهوار ايڊجسٽمينٽ ڪرڻ جي تجويز آئي ته آءِ ايم ايف پاڪستان کي چيو هو واپڊا جي بلن تي صارفين کي ڪا به سبسڊي نه ڏني وڃي. رعايت ڏيڻ سان حڪومت تي بوجهه وڌندو ۽ خساري ۾ اضافو ٿيندو. اهڙي طرح آءِ ايم ايف ڪراچي اليڪٽريڪل سپلاءِ ڪارپوريشن جي اگهن ۾ گهٽتائي جي پڻ مخالفت ڪئي. آءِ ايم ايف مطابق پاڪستان ۽ ويتنام انهن ملڪن ۾ شامل آهن جتي حڪومتون سنٽرل بئنڪن جي اندر ڪرنسي جي بجائڻ لاءِ مداخلت ڪنديون رهن ٿيون. جڏهن ته آءِ ايم ايف مالي ادارن ۾ حڪومتن جي مداخلت نه ٿو چاهي. آءِ ايم ايف جي منشور جي آرٽيڪل (4) مطابق هو جنهن کي به قرض مهيا ڪندو ته ڪرنسي جي قيمت جو تعين به هو پاڻ ڪندو. نواز شريف جي دور ۾ ڪرنسي کي ڪنهن حد تائين آزاد ڪيو ويو. جڏهن ته مشرف جي دور ۾ ڪرنسي کي مڪمل طور تي مارڪيٽ تي ڇڏيو ويو. آءِ ايم ايف جي مختلف رپورٽن ۾ مشرف حڪومت جي حمايت ڪئي وئي آهي. هڪ رپورٽ مطابق 72_1970 ع ۽ 2002_2003 ع معاشي زوال جا سال هئا. جڏهن ته ڪرنٽ اڪائونٽ جو خسارو پڻ وڌندو رهيو. آءِ ايم ايف پنهنجي شرطن ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ ۾ گهٽتائي ڪرائڻ جي گهر ڪندو آهي. ان لاءِ هو ان جو حدف به پاڻ مقرر ڪندو آهي. آءِ ايم ايف مطابق 1988_1996 ع ڪرنٽ اڪائونٽ جي لحاظ کان پاڪستان جا ڏاڍا خساري جا سال رهيا هئا. جڏهن ته 2008 ع به ان خساري وارو سال هو. آءِ ايم ايف جي رپورٽ مطابق پاڪستان جي وزارت خزانه وٽ مئنيجمينٽ جي صلاحيت گهٽ آهي جنهن جي ڪري ئي سينٽر بئنڪ تي دٻاءُ وڌي وڃي ٿو. هيو ته اڪانامي جا معاملا هڪ وزارت وٽ ناهن. بلڪه مختلف وزارتن ۾ تقسيم ٿيل آهن. ۽ مختلف وزارتن جي مداخلت جي ڪري ان جو ڪم ڊگهو ٿي ويندو آهي. پاڪستان انهن ملڪن ۾ شامل آهي. جيڪي قرض کڻڻ وقت اهو نه سوچيندا آهن ته هي قرض ڪيئن ادا ڪبو. انهن جي هنن ملڪن وٽ گهٽ پلاننگ آهي. بس ٽڙ تڪڙ ۾ ڳري وياج تي قرض کنيو ويندو آهي. ۽ بغير پلاننگ جي خرچ ڪيو ويندو آهي ان ۾ جيڪا ڪرپشن ٿيندي آهي. ان جو ته هڪ الڳ داستان آهي. هن ڀيري به زرداري حڪومت جڏهن آءِ ايم ايف ڏانهن قرض جي لاءِ رجوع ڪيو ته آءِ ايم ايف پنهنجا شرط ڳرا ۽ سخت ڪري ڇڏيا. آءِ ايم ايف جي رپورٽ مطابق پاڪستان اسٽيل مل ۾ 2003 ع ۾ 2000 ملازم ڀرتي ڪيا. جنهن جي ڪري مالي بوجهه وڌي ويو. اهڙي طرح آءِ ايم ايف جي تجويز تي ريلوي جي ملازمن جو تعداد هڪ لک ٽيرنهن هزار مان گهٽائي 88 هزار ڪيو ويو. پوءِ به 2004_2003 ع ۾ ريلوي جي خرچن ۾ اضافو ٿيندو رهيو. جنهن کي آءِ ايم ايف پسند نه ڪيو. آءِ ايم ايف پاڪستان کي بجيٽ جي خساري کي گهٽ ڪرڻ لاءِ چيو هو تجويز ڏني ته 2004 ع ۾ بجيٽ جو خسارو جي ڊي پي جي 4 فيصد برابر هئڻ گهرجي، اهڙي طرح آءِ ايم ايف، سي بي آر جي روينيو ۾ اضافي ڪرڻ جي تجويز ڏني. جنهن جي لاءِ ٽيڪسن جي بنيادي اسڪل وڌائڻ ضروري ٿي پيو. جنهن ۾ اهو معاهدو پڻ ٿيو ته ڪٽڪ جي اوپن مارڪيٽ ڪئي ويندي، ڪٽڪ جي چر پر آزاد هوندي. آءِ ايم ايف جو چوڻ آهي ته پاڪستان کي عالمي تجارت ۾ مداخلت ڪرڻ نه گهرجي، ان لاءِ خانگي شعبي کي فري هينڊ ڇڏيو وڃي پاڪستان هلندڙ مالي سال يعني 2024_25 ع جي پهرين 6 مهينن ۾ آءِ ايم ايف جا وڏا شرط پورا ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو ناڻي واري وزارت طرفان موجوده مالي سال جي پهرين 6 مهينن جي خرچن ۽ آمدني جا تفصيل جاري ڪيا ويا آهن. جنهن موجب پاڪستان پهرين 6 مهينن ۾ آءِ ايم ايف جا وڏا شرط پورا ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو رپورٽ موجب 2900 ارب روپين جي هدف جي مقابلي ۾ پرائمري سرپلس 3600 ارب روپين تائين پهچي ويو. چئني صوبن 750 ارب هدف جي ڀيٽ ۾ 776 ارب سرپلس بجيٽ ڏني، صوبن 376 ارب روينيو هدف جي ڀيٽ ۾ 442 ارب ٽيڪس گڏ ڪيو جڏهن ته 6 مهينن ۾ ايف بي آر کي ٽيڪس روينيو ۾ 384 ارب شارٽ فال رهيو. 6009 ارب هدف جي ڀيٽ ۾ 5624 ارب ٽيڪس گڏ ڪيو ويو پر زرعي آمدني تي ٽيڪس تي عملدرآمد سان روينيو ۾ وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي. واپار دوست اسڪيم تحت 23.4 ارب ٽيڪس جمع ڪرڻ جو هدف به پورو نه ٿيو. وفاقي حڪومت جي خالص آمدني 5887 ارب رپيا رهي، جڏهن ته وفاقي حڪومت جا خرچ 8200 ارب کان وڌي ويا، ناڻي واري وزارت جي رپورٽ موجب پهرين ڇهن مهينن ۾ 2313 ارب رپيا بجيٽ خسارو ٿيو قرضن تي وياج جي مد ۾ 5141 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا، جڏهن ته وفاقي ترقياتي منصوبن تي رڳو 164 ارب روپيا خرچ ڪيا ويا مطلب ته پاڪستان جا هن وقت اهڙا حالات پيدا ٿي ويا آهن جو جيئن آءِ ايم ايف چوي ٿي تيئن حڪمران ڪندا رهن ٿا ۽ انهن پئسن عيوض پاڻ عياشيون ڪندا رهن ٿا ۽ عوام سورن ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي انڪري آءِ ايم ايف کي گهرجي ته جنهن جنهن جي دور حڪومت ۾ جنهن جنهن پئسا ورتا آهن ان کان يا ان جي پوٽين کان وصول ڪيا وڃن ته جيئن عوام خوشحال زندگي گذاري سگهي

سنڌ جا غريب هاري ۽ نوان ٽيڪس

ياسمين چانڊيو

سنڌ، جيڪا سڄي ملڪ جو معاشي بار پنهنجي ڪلهن تي کڻيون اچي ٿي، جتي هر سال اربن روپين جي زرعي پيداوار پيدا ٿئي ٿي، اتي هڪ ٻيو چئلينج سامهون اچي ٿو: هارين ۽ پورهيتن جي معيشت جو بحران. هي بحران صرف مالي ناهي، بلڪه اهو پاڻي، تعليم، صحت ۽ ٻين بنيادي انساني حقن تائين رسائي ۾ پڻ واضح طور تي موجود آهي. سنڌ ۾ زرعي ٽيڪس جو نظام هارين ۽ پورهيتن لاءِ هڪ سنگين مسئلو بڻجي ويو ۽ بڻجي چڪو آهي، جتي ايا تائين انهن کي معاشي تنگي، قدرتي وسيلن جي ڪمي ۽ سماجي ناانصافي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

هڪ غريب هاري جيڪو سڄو سال پنهنجي زمين تي محنت ڪندو آهي، ان کي پنهنجن وسيلن ۽ آمدني جي بجاءِ ٽيڪس جي ڄَپ ڪرڻ ۾ وڌيڪ سختي ۽ دٻاءُ ڏنو وڃي ٿو. جڏهن ته هاريءَ کي پاڻيءَ جو بحران سامهون آهي، ان وقت تي ٽيڪس جو اضافو ان جي زندگين کي محض تباهه ڪرڻ جو سبب آهي.

سنڌ ۾ زرعي ٽيڪس جو نظام، جيڪو گهڻو ڪري غريب هارين ۽ پورهيتن تي لاڳو ڪيو ويندو آهي، سماجي ناانصافي صورتحال کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جيئن ته سنڌ جو هاري وڏي مهانگي جاگيرداري ۽ زراعت تي مبني نظام ۾ گرفتار آهي، ان کي فصلن لاءِ مناسب پاڻي، مناسب زرعي اوزار، ۽ سستا قرض حاصل ڪرڻ ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ان باوجود، انهن تي اڻ ڪٽ ٽيڪس لاڳو ڪري، انهن کي پنهنجي محنت جو سڄو معاوضو حاصل ڪرڻ کان روڪيو وڃي ٿو.

زراعت تي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ ۾ سنئون سڌو فائدو وڏيرا شاهي ،۽ جاگيرداري سسٽم کي ملندو.

زرعي ٽيڪس جو بوجهه صرف هڪ معيشت تي اثرانداز ناهي، بلڪه ان جو اثر سڌو سنئون پورهيتن جي صحت، تعليم ۽ زندگي جي معيار تي پڻ پوي ٿو. جڏهن هاري جي آمدني ۽ بچت جو سڌو تعلق ان جي زمين ۽ ان جي ڪم ڪان آهي، ان تي ٽيڪس لڳائڻ سان اها محنت ۽ محنتي طبقن جي معاشي آزادي محدود ٿي وڃي ٿي. ان سان گڏ، ان سان معيشتي دٻاءُ وڌيڪ وڌي ٿو. جنهن سان انهن جي زندگي ۾ غربت، بي روزگاري، ۽ ٻين سماجي مسئلن جو اضافو ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ زرعي ٽيڪس جو نظام هڪ جاگيرداري نظام سان جڙيل آهي جنهن ۾ زراعت ۽ زمين جو مالڪ تمام طاقتور ۽ اثر رسوخ رکڻ وارو شخص آهي. جڏهن ته ان نظام ۾ هاري صرف هڪ محنتي فرد آهي، جيڪو فصل پوکي پنهنجي روزگار لاءِ اڻ ڪٽ محنت ڪندو آهي. ان کي پنهنجي محنت جو صحيح معاوضو ڏيڻ بجاءِ ان تي ٽيڪس لاڳو ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته غريب طبقو سڌي يا اڻسڌي طور تي عام واهپي جي شين تي ٽيڪس ڀريندڙ آهي جيڪو ڪنهن به سرڪاري ليکي ۾ ڪونهي. هتي نون ٽيڪسن سان جاگيردار طبقو وڌيڪ فائدن ۾ رهندو، جڏهن ته هاري ۽ پورهيت پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ وڌيڪ آزروند ٿيندو.

اڄ جي دور ۾، جتي سموري دنيا ۾ سماجي انصاف ۽ برابر حقن جي ڳالهه ڪي ڏسڻ ڪي اهميت ڏني وڃي ٿي، اتي سنڌ ۾ زرعي ٽيڪس جو نظام غريب طبقي لاءِ هڪ ٻئي ظلم ڪان گهٽ ناهي. جڏهن هڪ طرف هاري پاڻي، زرعي اوزار، ۽ مناسب وسيلن جي فراهمي لاءِ جنگ ڪندو رهي ٿو ، ته ٻي طرف ان تي اضافي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ سان ان کي وڌيڪ معاشي ۽ سماجي طور تي ڪمزور ڪيو وڃي ٿو.

سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته زرعي ٽيڪس جو نظام غريب طبقي جي ڀلائي ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن ان کي عوامي فلاح ۽ مساوات جي بنيادن تي ترتيب ڏنو وڃي. حڪومت کي زرعي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ کان اڳ، هارين ۽ پورهيتن جي زندگي ۾ بنيادي تبديليون آڻڻ ۽ انهن کي تعليمي، صحت، ۽ زرعي وسيلن ۾ سهولت فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ ۾ هارين تي ٽيڪس جو ظلم نه صرف انهن جي معاشي حالت کي متاثر ڪري ڪندو، بلڪه ان سان پورهيتن جي زندگي جا تمام بنيادي حقن تي به سوال اٿن ٿا ؟جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته سماجي انصاف ۽ ترقي جي جڳهه تي هاري طبقو پنهنجي زندگي ۾ بهترين تبديلين جو تجربو ڪري، ته ان لاءِ لازمي آهي ته زرعي ٽيڪس جو نظام تبديلي ۾ اچي، ۽ ان کي غريب طبقن جي حمايت ۽ فلاح ۾ تبديل ڪيو وڃي

بقايا 01

وٽ قائم ڳوٺ عبدالرزاق سمون جي ڳوٺاڻن پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ڊي سي ٺٽو ٽائون ڪميٽي مڪلي جو چيئرمين ڊي ايس پي ٺٽو پوليس جي وڏي نفري سان پهتل آهن ڳوٺاڻن سان ڳالهيون هلندڙ آهن ڳوٺاڻن پاڻي ناهي ڇو پلا ڪربلا ڪربلا جهڙا نعرا هنيا ڳوٺاڻن عبدالرزاق سمون سڪندر سمون غفور سمون دلدار سمون ۽ ٻين چيو آهي ته اسان جي ڳوٺ کي پاڻي جي سهولت ڏني وڃي جنهن کان پوءِ پوليو جا ڦڙا پياريا ويندا ڪافي دفعا چونڊيل نمائندن ڊي سي ٺٽو ضلعي چيئرمين حميد پنهور پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ کي درخواستون ڏنيون آهن پر صرف آسرن ۾ رلايو ٿو وڃي ڪوبه واعدو وفا نه ٿو ٿئي هوڏانهن انتظاميه پوليس جا ڦڙا پيارڻ لاءِ منٿ ۾ رڌل آهي، جڏهن ته اي سي ٺٽو ڊي سي ٺٽو جي پي اي وقار ميمڻ ۽ اي سي آفيس جي اسٽنٽ عزيز ميمڻ جي يقين ڏهاني کان پو ڳوٺاڻا ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ لا راضي ٿي ويا

بقايا 02

سالگرهه جي عقيدت ڀريو جشن اڄ 9 فيبروري تي قومي هيرو شهيد سرويچ پيرزادو جي 34هين سالگرهه جي موقعي تي سنڌس ياد کي تازو رکندي محبت ۽ عقيدت سان تقريب منعقد ڪئي وئي. سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، جنهن ۾ شعور پيرزادو، اقرار پيرزادو، مظهر سولنگي، مٽ مائٽ ۽ ڳوٺاڻن سائين شرڪت ڪئي. تقريب دوران شاهه لطيف جي بيتن سان شهيد کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي، جڏهن ته مزار تي گل نڇاور ڪري، اگر بتيون ٻاريون ويون. پڄاڻي ۾ شهيد جي درجات بلندي، قوم جي ڀلائي ۽ امن لاءِ دعا گهري وئي. شهيدن جون قربانيون سدائين ياد رهنديون. شهيد سرويچ پيرزادو جي عظيم جدوجهد کي سلام!

بقايا 03

3اسٽيڊيم ويجهو هٿياربند ڌورن رستي ويندڙ وقار علي ميراڻي کان 2025 ماڊل سي ڊي موٽرسائيڪل هٿيارن جي زور تي ڦري فرار ٿي ويا متاثر حد ٿاڻي تي پهچي نامعلوم ڌورن خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي

بقايا 04

ڪان شڪارپور پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳوٽي ڪندڙن نصرا اوڏاڻو عامر ميراڻي، نثار خان، حفيظ ا اوڏاڻو ۽ رستم سومرو ۽ ٻين ميڊيا ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان ۾ رهندڙ سڀ مسلمان ڀائر آهيون، اسان مسلمان فرقيواريت کي ختم ڪري ڀائيچارو قائم ڪرڻ گهرجي ڪي پي ڪي جي شهر پارا چنار ۾ ٿيندڙ فرقي واريت جي سخت لفظن ۾ مزمت ڪريون ٿا ۽ ڪي پي ڪي جي حڪومت کان مطالبو ڪريون ٿا ته اُن شئي جو فلفور نوٽس وٺي پارا چنار ۾ ٿيندڙ فرقي واريت کي ختم ڪري فرقي واريت ڪندڙ ڌرين خلاف ايڪشن ڪئي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا 05

سان ٽڪرائجي وئي، جنهن سبب موٽرسائيڪل تي سوار 24 سالا نوجوان عاشق خاصخيلي زخمي ٿي پيو جنهن کي سمس اسپتال آندو پيي ويو ته نوجوان رستي ۾ دم ڏيي ڇڏيو، نوجوان جي فوت ٿيڻ جي اهڙي تصديق سمس جي ڊاڪٽرن ڪيي، سمس اسپتال ۾ ضروري ڪاروايي بعد نوجوان جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو، نوجوان جو مڙهه گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام متل هو، فوتي نوجوان مهينو اڳ شادي پڻ ڪيي هيي،

بقايا 06

ايوارڊز سنڌن والدين ۽ استادن هٿان ڏياريا ويا. هيڊ ماستر مختيار احمد واهوچو ۽ فدا حسين جلباڻي آيل والدين جا ٿورا مڃيندي ڪين سنڌن اولاد جي پوزيشن ڪٽڻ تي واڌايون ڏنيون ۽ شاگردن جي والدين هيڊ ماسٽرز کي گلن جو مالهائون پارايون. پوزيش ماڻيندڙ شاگرد ڪلاس ڇهون گرين پهرين پوزيشن جواد احمد پتوجو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن عبدالباسط ڪلهوڙو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن وسيم علي جتوئي حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن صابر علي شيخ حاصل ڪئي ۽ ٽين پوزيشن محمد ڪيف ڦلپوٽو حاصل ڪئي. ڪلاس ڇهون پنڪ پهرين پوزيشن علي حيدر ميراڻي حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن احمد رضا ڪانڌرو حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن توفق رحمان منگي حاصل ڪئي. ڪلاس ڇهون بلو پهرين پوزيشن نور احمد واهوچو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن عبدالرحمان ٽڳڙ حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن مطهر علي چنا حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن مدثر علي سوهو حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن ڪليم الله پيرزادو حاصل ڪئي. ڪلاس ڇهون ريڊ پهرين پوزيشن مولائي ڪوسو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن علي رضا دايو حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن سهيل احمد ڪانڌرو حاصل ڪئي. ڪلاس ستون گرين پهرين پوزيشن توحد علي سومرو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن ثاقب علي لاحاصل ڪئي. ٻين پوزيشن صابر علي ڪلهوڙو حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن ونڊ ڪمار اوڊ حاصل ڪئي. ڪلاس ستون پنڪ پهرين پوزيشن علي جان سومرو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن محمد زوهيب ڪوسو حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن اخلاق احمد مسڻ حاصل ڪئي. ڪلاس ستون بلو پهرين پوزيشن محمد مبشر ڪوري حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن مصعب وزير واهوچو حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن احمد رضا پنهور حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن شڪيل احمد ڪتياڻ حاصل ڪئي. ڪلاس ستون ريڊ پهرين پوزيشن عبدالرحمان ڪانڌرو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن محمد ياسين ڪانڌرو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن رحمان علي لغاري حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن محسن رضا ڪوري حاصل ڪئي. ڪلاس اٺون گرين پهرين پوزيشن نصير احمد شيخ حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن سمير علي لوڌرو حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن شفيق احمد پنهور حاصل ڪئي. ڪلاس اٺون اورينج پهرين پوزيشن هالار سومرو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن غلام عباس منگي حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن حاجي ڪانڌرو حاصل ڪئي ٽين پوزيشن علي ڪانڌرو حاصل ڪئي. ڪلاس اٺون بلو پهرين پوزيشن فهد حسين لاڪو حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن صلاح الدين سولنگي حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن حبيب الرحمان مسڻ حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن مهراڻ خان ڪلهوڙو حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن مزمل حسن حاصل ڪئي. ڪلاس اٺون پنڪ پهرين پوزيشن مبشر علي جهتيال حاصل ڪئي. ٻين پوزيشن مطهر عل پيرزادو حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن ريحان علي سيهڙ حاصل ڪئي. ٽين پوزيشن زوهيب علي ڦلپوٽو حاصل ڪئي آهي.

بقايا 07

طرفان شهر جي اولڊ بس اسٽينڊ وٽ قائم قديمي مسجد ۾ سالياني عرس ۽ دستار فضيلت جو پروگرام منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌ جي ناليواري درگاهه حسين آباد قمبر شريف جي گادي نشين پير عطاءِ الله شاهه بخاري، پير سيد نصرالله شاهه بخاري، پير سيد ثناءَ الله شاهه بخاري، مفتي خليل احمد چنو مفتي حسن شاهه قاري غلام اڪبر سهڙو غلام مصطفيٰ ڪلال، مفتي بشير احمد جکرو، مولوي يامين احمد چانڊيو، مولوي غلام شبير حسيني، مولوي شوڪت حسين حسيني، قاري طارق حسين حسيني، مولوي همٿ علي حسيني، مولوي الله وسايو حسيني، مولوي نيڪ احمد چانڊيو، مفتي صفدر علي حسيني، مفتي عبدالقادر حسيني، مولوي مشتاق احمد کهڙو سميت عاشقان رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي پير سيد نصرالله شاهه بخاري چيو ته سنڌ سميت ملڪ جي ناليواري بزرگ هستي پير سيد غلام حسين شاهه بخاري ۽ سنڌس فرزند سيد گل محمد شاهه بخاري جن جي سالياني عرس جي موقعي تي هي عرس مبارڪ جي تقريب ڪوٺائي وئي آهي، جڏهن ته پير سيد غلام حسين شاهه بخاري جون پنهنجي حياتي ۾ دين اسلام جي واڌاري لاءِ تمام گهڻيون خدمتون آهن، جنهن هميشه الله تعاليٰ جي پياري محبوب حضرت محمد مصطفيٰ ، پنجتن پاڪ صحابه ڪرام ۽ اوليه ڪرام سان محبت ڪرڻ جو درس ڏنو هو جنهن بدولت اڄ به پاڪستان سميت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين عقيدت مند قمبر شريف پهچي بزرگ هستي پير سيد غلام حسين شاهه بخاري ۽ سنڌس خاندان سان محبت جو اظهار ڪندا آهن. هوڏانهن سالياني عرس شريف جي پروگرام ۾ درگاهه حسين آباد قمبر شريف جي گادي نشين پير سيد عطاءِ الله شاهه بخاري ملڪ ۽ قوم لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري.

بقايا 08

ڪرڻ جو انڪشاف ان سلسلي ۾ سکر جي ڪير مافيا مڪمل طور تي سرگرم ٿي وئي عوام کي سستي اگهه تي معياري ڪير جي فراهمي کان محروم ڪرڻ جي ڪوششون جاري آهن سکر جي شاليمار ۽ ٻين علائقن ۾ قائم ڪير جي دوڪانن تي 100 کان 120 رپيا وڪرو ڪندڙ دوڪاندارن کي مختلف طريقن سان حراسان ڪري 180 کان 250 رپيا في ڪلو تي ڪير وڪرو ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي ۽ سستو ڪير وڪرو ڪندڙن خلاف ڪيميڪل ڪير ڪپائڻ جي پروپيگنڊا ڪري عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن دوڪاندارن کي مافيا طرفان سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ملڻ ڪري ڪيترائي دوڪاندار خوف ۾ مبتلا آهن شهرين ضلعي انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته اها فوري طور تي مهانگي اگهه ڪير وڪرو ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي

بقايا 09

لاشاري جي هدايت تحت سنڌ جي ٻهرين ونج وٽي چيمپئين شپ گورنمنٽ ناز پائلٽ هاءِ اسڪول خيرپور ۾ ٿي، چيمپئن شپ ۾ 10 ونج وٽي جي ٽيمن حصو ورتو. فائنل ۾ اسٽار ڪلب ۽ چيمپئين ڪلب خيرپور وچ ۾ مقابلو ٿيو سخت مقابلي بعد چيمپئين ڪلب خيرپور ميدان ماري ورتو. ان موقعي تي مهمان خاص پريس ڪلب خيرپور جي سرپرست خان محمد، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه، ڊي او اسپورٽس محمد اخلاق ميمڻ ونر ٽيم چيمپئين ڪلب جي ڪپتان ساجد جمالي کي ٽرافي ۽ 40 هزار رپيا روڪ ۽ رنر ٽيم اسٽار ڪلب جي ڪپتان حامد مغل کي ٽرافي ۽ 20 هزار رپيا روڪ انعام ڏنا. ان موقعي تي خطاب ڪندي مهمان خاص پريس ڪلب خيرپور جي سرپرست خان محمد، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن سيد ساجد حسين شاهه، ڊي او اسپورٽس محمد اخلاق ميمڻ چيو ته سنڌ اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئر کاتي طرفان رانڌين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪيون ويون آهن ونج وٽي سنڌ جي تاريخي ۽ قديمي راند آهي ان لاءِ سنڌ حڪومت طرفان پهرين چيمپئين شپ خيرپور ۾ ڪرائي آهي جيڪا سٺي ريت آهي اڳتي به ٻين رانڌين لاءِ ڪوششون ورتيون وينديون. ونج وٽي چيمپئين شپ ۾ مهراڻ ڪلب، الحسيني ڪلب، ايس او ايس جناح اسپورٽس ڪلب، پبلڪ اسڪول سکر، مرتجس ڪلب، رننگ اسٽار ڪلب، سچل ڪلب ۽ سچل سرمست ڪلب، اسٽار ڪلب ۽ چيمپئين ڪلب خيرپور حصو ورتو ان موقعي تي فٽبال ايسوسي ايشن جي جاويد سومرو، شاهنواز ڪلهوڙو ، مظهر الدين شيخ، بحريه فائونڊيشن جي فزيڪل انسٽرڪٽر غلام مصطفيٰ ڏهوٽ، پير ڳوٺ ڪاليج جي فزيڪل انسٽرڪٽر غلام مرتضيٰ ڏهوٽ، پروفيسر نجم الحسن، ريڊيو پاڪستان جي مسرت منگي، ڪليم الله، عرفان ڏهوٽ، اشرف علي بلوچ، جنرل سيڪريٽري فٽبال ايسو سي ايشن صداقت علي پناهڻ سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 10

ولد سراج مهر ارڙيءَ سبب وگهي فوت ٿي ويو معصوم ٻارڙن جون حياتيون ارڙيءَ جهڙي خطرناڪ وباءِ بيماري ٻن ڏينهن اندر ٻن معصوم ٻارڙن جون زندگيون ڪسي ورتيون ڳوٺ حبيب ڪوٽ سميت مختلف ڳوٺن ۾ ارڙيءَ جهڙي خطرناڪ وباءِ تيزي سان ڦهلجڻ لڳي ڳوٺ حبيب ڪوٽ جي رهواسي شبير احمد مهر عمران مهر سدير احمد مهر وزير علي مهر جواد مهر اسد مهر سوشل ورڪر زاهد حسين مهر چيو ته هن وقت به ڪافي معصوم ٻارڙا ارڙيءَ وباءِ ۾ مبتلا آهن جن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي هن چيو ته هتي ڪافي غريب ڳوٺاڻا آهن جن وٽ نجي اسپتالن ۾ علاج ڪرائڻ جي سگهه ناهي سرڪاري اسپتالن ۾ غريب ڳوٺاڻا وڃن ٿا ته اتي بهتر نموني علاج نٿو ٿئي ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته اسان صحت کاتي سنڌ جي وزير ڊي ايڇ او شڪارپور ڊي سي شڪارپور ۽ لاڳاپيل انتظاميا کي اپيل ٿا ڪريون ته ڳوٺ حبيب ڪوٽ ۾ ميڊيڪل ٽيم موڪلي وڃي جيئن ارڙيءَ وباءِ تي ضابطو اچي سگهي ۽ وڌيڪ انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان بچايون وڃن

بقايا 11

مهمان خاص چيئرمين نظير احمد پتو ۽ اعزازي مهمان سيد خداڏنو شاهه محمد عيسيٰ پنهور، آغا طارق پٺاڻ، مير عباس ٽالپر، رضا جتوئي، ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي صدر حنيف سومرو، ڏتي بخش سمون، اصغر باغي، منظور ابڙو، قادر هاشمي ۽ ٻين شرڪت ڪئي، تقريب کي خطاب ڪندي ٽائون چيئرمين ابراهيم حيدري نظير احمد پتو چيو ته سماجي تنظيمون مسئلن جي نشاندهي ڪري لاڳاپيل ڌرين جو ڌيان ڇڪرائينديون آهن منهنجا مارو ملير جا سماجي تنظيم ۾ سمورا پڙهيل لکيل ۽ باشعور ماڻهو گڏ آهن اسان يقين ٿا ڏياريو ته اسان جو ساٿ مڪمل سهڪار هوندو، سماجي اڳواڻ سيد خدا ڏنو شاهه چيو ته ملير جي ماڻهن ۾ سجاڳي ضروري آهي هوڻ ته سڄو ملير ضلعو سماجي تنظيم سان ڀريل آهي پر هن سٽ مان ڪا بهتري ۽ نواڻ جي اميد نظر اچي پئي هن چيو ته علائقائي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ ضرور ڪوششون وٺڻ گهرجن پر اهو ته تعين ڪرڻو پوندو ته مسئلن کي پيدا ڪرڻ جا ذميوار ڪهڙا آهن چونڊيل عهديدارن جي عوامي سطح تائين پهچ هئڻ ضروري آهي مستقل مزاجي سان ئي مسئلا حل ٿيندا تنظيم جي نئي چونڊيل صدر عرفان عباسي، جنرل سيڪريٽري سيد شبير احمد شاهه ۽ ٻين چيو ته منهنجا مارو ملير جا نج غير سياسي تنظيم آهي اسان جو مقصد انسان ذات جي ڀلائي ۽ علائقائي ترقي آهي ان سان گڏوگڏ پنهنجن ميمبرن جي مدد ڪرڻ آهي چاهيون ٿا ته اسان جي ننڍڙي ڪوشش سان نئون ۽ سٺو معاشرو جڙي پئي جنهن لاءِ سمورن گهڻ گهرن جي سهڪار جي ضرورت هوندي. تقريب ۾ اليڪشن ڪمشنر ڊاڪٽر نظير احمد پنهور نون چونڊيل عهديدارن صدر عرفان علي عباسي، نائب صدر، بخشيل سيال، جنرل سيڪريٽري سيد شبير احمد شاهه جوائنٽ سيڪريٽري سجاد علي شاهه خزانچي سجاد علي شيخ، انفارميشن سيڪريٽري فدا حسين شيخ، آفيس سيڪريٽري عبدالستار مهر ۽ ميمبر ايگزيڪٽو عبدالرسول بلالي، منظور احمد لولائي، عبدالستار ابڙو ۽ غلام شبير لاکو منير احمد قاضي فيض خاصخيلي کان حلف کڻايو.

بقايا 12

ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو آهي ته منهنجي ڀاءُ کي الاهي بخش چانڊيو وارن پنهنجي رضا خوشيءَ سان سڱ ڏئي پرڻايو هو تنهن وقت آنءُ ننڍي هيس هاڻي منهنجي سڱ گهري رهيا آهن پر مان اتي شادي ڪرڻ نه ٿي چاهيان هن چيو ته منهنجي انڪار ڪرڻ تي هاڻي الاهي بخش چانڊيو واحد بخش، سجاد ۽ منهنجا ڀائر عاقب چانڊيو وارا زبردستي عطامحمد چانڊيو سان شادي ڪرائڻ چاهين ٿا جيڪا وڏي زيادتي آهي جن هڪ هفتو اڳ منيائي ۾ منهنجي مامي علي حسن چانڊيو جي گهران مونکي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ تشدد به ڪيو ڳوٺاڻن جي مداخلت تي مونکي ڇڏيو ويو هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا هن وڌيڪ چيو ته مان عطا محمد چانڊيو سان شادي نه ٿي ڪرڻ چاهيان ڇو ته هو موالي ۽ جواري آهي زبردستي شادي ڪرائي وئي ته پوءِ مان پاڻ کي ماري ڇڏيندس ان لاءِ آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز، سيشن جج نوشهروفيروز کي اپيل ٿي ڪريان ته تحفظ فراهم ڪري ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري منهنجي پيءُ، مامي ۽ ٻين مائٽن تي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن

بقايا 13

جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ايم پي اي جميل احمد سومرو طرفان پارٽي جي سينئر ۽ نوجوان ورڪر آصف علي عباسي جي رهائشگاهه تي پهچي سنڌس سان ڏاڏي جي وفات تي تعزيت ڪري گهري ڏک جو اظهار ڪيو ويو. ان موقعي تي ايم پي اي لاڙڪاڻو جميل احمد سومرو مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا پڻ گهري، جنهن دوران پ پ پ سٽي ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻي جا عهديدار پڻ موجود هئا.

بقايا 14

14جي عدالتي انڪوائري جي درخواست ڪئي وئي آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته قانون جي حڪمراني لاءِ پوليس ۽ وڪيل اهم حصيدار آهن. انصاف ۽ حقيقتون جاڻڻ جي لاءِ اٿندڙي جاچ ڪرائي وڃي، مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ طريقيڪار واضح ڪيو وڃي. سنڌ پوليس طرفان خط ۾ لکيو ويو آهي ته 3 فيبروري جي رات پٽائي نگر ٿاڻي جي حد ۾ هڪ ڪار کي روڪيو ويو هو. اطمينان جوڳو جواب نه ملڻ تي ڪار سوار جي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو. ڪيس داخل ڪرڻ تي وڪيل برادري طرفان احتجاج ڪيو ويو وڪيلن طرفان ايس ايس پي حيدرآباد جي بدلي جو مطالبو ڪيو ويو. وڪيلن مطالبن جي منظوري لاءِ احتجاج ڪري حيدرآباد بائي پاس کي بلاڪ ڪري ڇڏيو خط ۾ چيو ويو آهي ته سموري سنڌ ۾ فينسي، جعلي نمبر پليٽس، هوٽرز ۽ ڪارن شيشن وارين گاڏين جي خلاف ڪارروائي سنڌ حڪومت جي حڪم تي جاري آهي. ڪارروائي دوران ئي ڪار کي روڪيو ويو هو جنهن تي وڪيل برادري طرفان معاملي کي وڌايو ويو آهي.

بقايا 15

سان تعلق رکندڙ جاويد ڪمار پٽ استاد ڦلجي ڀيل جي نوجوان نياڻي ڪرينا ڀيل پراسرار نموني گم ٿي وئي جنهن جي وارثن پنهنجي مٽن مائٽن سميت ڪافي ٻين هنڌن تي ڳولا ڪئي پر هو ملي نه سگهي وارثن ٻاران احتجاج وارثن جو چوڻ هيو ته ايس ايڇ او سينارجا محمد اقبال رڏ اسان سان ڪو به سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي اسان مسلسل چئن مهينن کان ڇوڪري جي ڳولها ڪري رهيا آهيون پر ڇوڪري نه ملي سگهي آهي پوليس به ڪو تعاون نٿي ڪري هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان کي پنهنجي نياڻي واپس ڪرائي ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 16

خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري جي اڳواڻي جمعدار دين محمد ٽيبو، عبدالغفار ٽيبو، محمد اسلم ٽيبو ۽ ٻين ڪئي، ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت ڪالهه نيشنل هاءِ وي تي شفيع ڪاٽن فيڪٽري وٽان ڏينهن ڏٺي جو سرعام ٽن ڌوهارين اسلحي جي زور تي غفار ٽيبي کان سي ڊي موٽرسائيڪل ماڊل 2025 ٽيه هزار رپيا ڪيش ، شناختي ڪارڊ ،چيڪ ۽ موبائيل ڦر ڪري 125 موٽر سائيڪل تي فرار ٿي ويا، هنن چيو ت ڪوٽڙي ڪبير ۽ آس پاس ۾ ڌوهي وارداتون معمول بڻجي ويون آهن. ڌوهه وڌي ويا آهن. ڌوهارين رڻ ٻاري ڏنو آهي، پوليس بدامني تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام آهي،هنن وڌيڪ چيو ت شهر ۾ ڪوب شهري لوفرن کان محفوظ ناهي، شهر جي چوطرف ڪرائي جي جڳهين ۾ ٻاهريان ڪرمنل قسم جا ماڻهون رهن پيا ٿا، پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي،هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز سنگهار ملڪ کان مطالبو ڪيو ت فرض شناس آفيسر مقرر ڪري امن قائم ڪرائڻ سان گڏ ڌوهه واپس ڪرائي ڏنو وڃي بي صورت ۾ نيشنل هاءِ وي مٿان ڌرڻو هڻنداسين جنهن جي زميوار پوليس هوندي.

بقايا 17

مسجد تنبو مناخان ۾ دستار فضيلت ڪانفرنس منعقد ٿي وڏي انگ ۾ عالمن حافظن مفتين قاري صاحبان ۽ شهرين شرڪت ڪئي ڪانفرنس کي صدارتي خطاب حضرت علامه مفتي سائين احمد علي سڪندري دامت برڪاته ڪيو رونق محفل حضرت علامه مفتي سائين اميد علي سڪندري خصوصي خطاب لاجواب شيري روضي ڏٺي مفتي سائين عنايت الله سڪندري مفتي سائين عرفان الله خيرآبادي درگاهه شريف پير ڳوٺ ۽ ٻين خطاب ڪيو ڪانفرنس ۾ سائين قاري عطامحمد سڪندري حافظ قاري سائين قاسم سڪندري مولوي سائين علي اڪبر سڪندري سونڊر حاجي مبين مگريو حافظ سائين شفيع محمد پنهرو سڪندري حافظ سائين واجد علي سڪندري حافظ سائين ساجد علي سڪندري حافظ سائين راشد علي سڪندري مولوي عبدالقيوم گجو سڪندري سميت شهر تنبو مناخان جي عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 18

حميد، صحيح بخاري شريف، ۽ دستار فضيلت جي 29هين سالياني عظيم الشان تقريب ۽ سرٽيفڪيٽ ۽ انعامن جي ورهاست مولانا محمد حنيف بنڌاڻي هري مسجد نئون ڳوٺ سکر جي صدارت ڪئي. مولانا سعيد عبدالقيوم هاليجوي جي سرپرستي هيٺ ۽ مولانا محمد شريف سيف الرحمان جي نگراني ۾ منعقد ٿي، تقريب ۾ مشهور عالم ۽ مذهبي اسڪالرن مولانا مفتي حامد حسن، قاري عبدالقدوس گجر، محمد عطا الرحمان صديقي، قاري عبدالقدوس خان،سيد مولانا عبدالقادر هاليجوي، مولانا مفتي عبدالباري،مفتي سعود افضل هاليجوي،مولانا قاري جميل بندهاني، حافظ عبدالحميد مهر، حافظ قاري لياقت علي مغل، محمد سليم حنفي، مفتي قمرالدين ملانو مولانا محمد رفيق بنڌاڻي، حاجي محمد ناصر پهنور، يوسي چيئرمين ذاڪر بنڌاڻي، مولانا محمد شفيق، مولانا محمد سليم، قاري محمد

بقايا 19

قادر چانڊيو جي بيان کي مڪمل طور رد ڪريون ٿا هنن چيو ته ڪوڙو رند معاملي تي ناريجا برادري جي ڪا به غلطي ناهي پر اسان امن جا خواهشمند ضرور آهيون هنن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڦر دوران ڪوڙو رند پنهنجي ئي ساٿين جي گولين ۾ مارجي ويو هو جنهن کان پوءِ اسان کي رند برادري جي ماڻهن ڪان ڌمڪين جا پيغام ملن پيا اسان وٽ ايندڙ ويندڙ همدرد دوست رندن سان ڳالهيون ڪري رندن جا خدشا ختم ڪرڻ لاءِ مشورا سامهون آيا جنهن تي اسان رند برادري سان ڳالهيون ڪري سنڌن خدشا ختم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون پر اسان جي امن واري خواهش کي ڪوڙو رند معاملي تي قبول داري يان غلطي تسليم نه ڪيو وڃي.

بقايا 20

رند لڳ گذريل رات دير سان نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل سئي گئس جو ملازم پيپلزپارٽي جو جيالو تراب علي رند جي لاش سول اسپتال خيرپور مان رات دير سان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد ميت ڳوٺ الله بخش رند پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو مقتول جي جنازي نماز ڳوٺ الله بخش رند ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ عزيزن علائقي واسين سياسي سماجي مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ايم پي اي بئريسٽر هالار منظور وسان، يوسي عطا محمد حامي جي چيئرمين اعجاز علي سوهو انجمن تاجران جي صدر حاجي لالا عبدالغفار شيخ پيپلزپارٽي سٽي خيرپور جي صدر الطاف حسين ميمڻ، شاهنواز ڪلهوڙو، علي خان رند، شاهد نواز سيال رند قومي اتحاد جي اڳواڻ رئيس عبدالواحد رند رئيس قلندر بخش رند خادم فقير رند علي احمد رند سميع الله رند گل محمد ڪناصرو سميت ٻين سوين ماڻهن جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ مقتول جو مڙهه کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته وارثن پاءُ خدابخش رند،پٽ علي گل رند سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي يار رهي ته گذريل رات دير سان نامعلوم جوابدارن بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ احمد علي رند لڳ فائرنگ تراب علي رند کي قتل ڪري فرار ٿي ويا هئا جڏهن ته خيرپور پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪک پچي پيٽو به نه ڪيو آهي جنهن سبب وارثن ۾ ڏک جي لهر پکڙيل آهي پوليس کي گهرجي ته جديد ٽيڪنالوجي جي مدد سان جوابدار گرفتار ڪيا وڃن.

بقايا 21

گذريل رات دير سان نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل سئي گئس جو ملازم پيپلزپارٽي جو جيالو تراب علي رند جي لاش سول اسپتال خيرپور مان رات دير سان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد ميت ڳوٺ الله بخش رند پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو مقتول جي جنازي نماز ڳوٺ الله بخش رند ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ عزيزن علائقي واسين سياسي سماجي مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ايم پي اي بئريسٽر هالار منظور وسان، يوسي عطا محمد حامي جي چيئرمين اعجاز علي سوهو انجمن تاجران جي صدر حاجي لالا عبدالغفار شيخ پيپلزپارٽي سٽي خيرپور جي صدر الطاف حسين ميمڻ، شاهنواز ڪلهوڙو، علي خان رند، شاهد نواز سيال رند قومي اتحاد جي اڳواڻ رئيس عبدالواحد رند رئيس قلندر بخش رند خادم فقير رند علي احمد رند سميع الله رند گل محمد ڪناصرو سميت ٻين سوين ماڻهن جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ مقتول جو مڙهه کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته وارثن پاءُ خدابخش رند،پٽ علي گل رند سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي يار رهي ته گذريل رات دير سان نامعلوم جوابدارن بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ احمد علي رند لڳ فائرنگ تراب علي رند کي قتل ڪري فرار ٿي ويا هئا جڏهن ته خيرپور پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪک پچي پيٽو به نه ڪيو آهي جنهن سبب وارثن ۾ ڏک جي لهر پکڙيل آهي پوليس کي گهرجي ته جديد ٽيڪنالوجي جي مدد سان جوابدار گرفتار ڪيا وڃن.

بقايا 22

نئين بادي چونڊي وئي. سال 2025 جي لاءِ نئين بادي ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي پريس سيڪريٽري عبدالستار واهوچو صاحب جي نگراني ۾ ڪئي وئي. پروگرام ۾ خصوصي مهمان طور خاص محترم جناب خليفه مولوي محمد اسحاق واهوچو صاحب جن شرڪت ڪئي. پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ. نعت رسول صلي الله عليه وآله وسلم ۽ منقبت سان ڪئي وئي. ان کان پوءِ هيٺ ڏنل سال 2025 لاءِ نئين بادي جو اعلان ڪيو ويو جن ۾ صدر فقير سلطان احمد سيهڙ طاهري. نائب صدر نظر محمد پنهور طاهري. جنرل سيڪريٽري محمد امين پنهور طاهري. جوائنٽ سيڪريٽري حاڪم علي پنهور طاهري. فنانس سڪريٽري مير مرتضيٰ طاهري. پريس سيڪريٽري احمد علي ڪوري طاهري. آفيس سيڪريٽري عبدالخالق طاهري. اطلاح سيڪريٽري.فقير محمد يوسف پنهور طاهري. جنرل سيڪريٽري محمد امين پنهور طاهري کي چونڊيو ويو. پرو گرام جي آخر ۾ چونڊيل عهديدارن کي گلن جا هار پارايان ويا ۽ مبارڪباد ڏني وئي. صلوات و سلام بعد دعاءِ خير گهري وئي.

بقايا 23

نوناري، زاهد منگي، مير مرتضيٰ گوپانگ ۽ بخشل مڱسيءَ جي اڳوائيءَ ۾ تيل احتجاجي مظاهري ۾ تيل جا اگهه گهٽايو، مهانگائي ختم ڪيو، زرعي ٽيڪس نامنظور پيا نعرا هنيا ويا. اڳواڻن چيو ته وفاقي حڪومت تيل جا عالمي اگهه نه وڌڻ تي تيل جا اگهه گهٽائڻ بدران وڌائي عوام کي وڌيڪ مشڪلات ۾ وڌو آهي، نه رڳو اهو ته حڪومت مختلف شين جا اگهه وڌايا پر بجلي ۽ گئس سميت عوام کي جائز سهولتون به نه پئي ڏئي. هنن چيو ته وفاقي حڪومت لڳاتار مهانگائي وڌائيندي رهي آهي ۽ شهباز شريف اها ڪوڙي دعوا ڪري رهيو آهي ته مهانگائي گهٽجي وئي آهي. هنن اهو به چيو ته عوام مهانگائي، بيروزگاري ۽ بدامنيءَ کان نهايت تنگ ٿي پيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته حڪومت کي تيل جا اگهه گهٽائڻ، عوام کي بجلي ۽ گئس مهيا ڪرڻ، نئين زرعي ٽيڪس ختم ڪرڻ سميت عوامي پاليسيون آڻڻ گهرجن.

بقايا 24

تي ڪراچي پريس ڪلب وٽ پ ٽ الف جي اڳوٽي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سنيو جي قيادت ۾ احتجاجي ڌرڻو لڳايو ويندو. انهي سلسلي ۾ هائير سيڪنڊري تنظيم گستا جي اهم اڳواڻن جي ايم ابڙو، مظهر علي سومرو، نذير حسين سولنگي، نظر محمد مغيري، تحريڪ منهاج القرآن جي ضلع صدر شيخ عبدالعزيز قاسمي، جمعيت علماءِ پاڪستان جي اڳواڻن مولانا منظور علي نعيمي، روشن علي انقلابي، حافظ شعيب احمد جوڻيجو، جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي، مومن سمون، قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن مقصود احمد سومرو ۽ ٻين پرائمري استادن جي شروع ڪيل احتجاجي تحريڪ جي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي پرائمري استادن کي فوري طور تي سروس اسٽرڪچر، انيشل اپائنٽمينٽ ،سن ڪوٽا سميت ٻيا جائز مطالبن جو نوٽيفڪيشن پڌرو ڪيو وڃي. سنڌ جي پرائمري استادن کي پنجاب، بلوچستان سميت ٻين صوبن جون سهولتون مراعتون فراهم ڪيون وڃن. سنڌ جي بهتر تعليمي ماحول کي وڌيڪ موثر ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ پ ٽ الف جي اڳوٽي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سنيو جو هر سطح تي ساٿ آهي.

بقايا 25

جي صدارت ناليواري شاعر علي آزاد ڪئي. هن سارنگ امر جي پيش ڪيل غزل بابت صدارتي راءِ ۾ چيو ته شاعر سماج جي مزاج ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿو ڇو ته سنڌس راءِ وڏ ۾ وڏ اثر انداز ٿيندي آهي. هن چيو ته شاعري سڌيءَ ريت دل تي اثر ڪندي آهي ۽ شاعريءَ ۾ جماليات، رومانس ۽ تشبيهن توڙي محاوري جو درست استعمال نهايت اهم آهي. هن اهو به چيو ته سارنگ امر معاشرتي مامرن تي نثر توڙي نظم ۾ پاڻ ملهايو آهي ۽ ادب کان سواءِ ٻين شعبن ۾ به جدوجهد ڪئي اٿائين. ابرار نوناريءَ جي پيش ڪيل غزل بابت راءِ ۾ هن چيو ته ابرار رومانٽڪ غزل ۾، جمالياتي لحاظ کان ڪامياب اظهار ڪيو آهي. گڏجاڻيءَ ۾ اقبال ڪوڪر، علي آزاد، علي رضا نوناري، سارنگ امر، ابرار نوناري، اڪبر آزاد هيسباڻي، قربان علي قرب پنهور، خالد خاموش، يوسف علي پنهور، زاهد منگي، غلام محمد پٽي، مزمل پٽي، علي رضا آزاد ۽ ٻين ويچار ونڊيا.

بقايا 26

جو ميلو پنهنجي پڄاڻي تي پهچي ويو آهي ڄامشورو ۾ المنظر وٽ سنڌو درياهه جي ڊائون اسٽريم ۾ سنڌو درياهه گيمز 2025 جي سري سان رٿيل رانڌين جي ميلي ۾ ملهه ملاڪڙو، ڪوڏي، رسا ڪشي، سنوڪس والي بال، آرم ريسلنگ، ايٿليٽڪس، ٽينس، ڪراٽي، گهوڙن جي ڊوڙ ٽيج بال، ٿرو بال، جمپنگ ۽ ٻيون مختلف رانديون ڪرايون ويون. آخري ڏينهن تي رٿيل فيصلاڪن مقابلن ۾ پوزيشن ماڻيندڙ رانديگرن ۽ رانديگريائين کي ٽرافيون، شيلڊون، سرٽيفڪيٽ ۽ تحفا ڏنا ويا. مقابلن مان سنڌ جي قومي راند ملهه ملاڪڙي ۾ پهرين پوزيشن ماڻڻ تي گل حسن چانڊيو کي ٽرافي ڏني وئي، ڪوڏي ڪوڏي ۾ بابر علي خاصخيلي، رساڪشي ۾ اعجاز احمد شيخ، ٿرو بال ۾ جاويد احمد سومرو، والي بال ۾ حسن علي آرائين، بيچ ٽينس ۾ شبير گل ايٿليٽڪس ۾ وسيم خان، ڇوڪرن جي ڊوڙ ۾ نويد احمد، ڇوڪرين جي ڊوڙ ۾ فاطمه شاٽ پٽ فرحان جتوئي، لانگ جمپ ۾ محسن علي سوڍو ٻين کي پهرين پوزيشن ماڻڻ تي ٽرافيون ۽ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ سان گڏوگڏ سونا، چاندي ۽ پتل جا ٻلا ڏنا ويا. جڏهن ته ٻي پوزيشن ماڻيندڙن کي پڻ ٽرافيون ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. رنگا رنگ اختتامي تقريب ۾ ڊائريڪٽر اسپورٽس حيدرآباد ڊويزن امداد علي ابڙو ڊويزن جي مختلف ضلعن جي اسپورٽس آفيسرن حيدرآباد مان مريم ڪيريو، ٺٽي مان اظهر علي بروهي، دادو مان مسعود احمد، ٽنڊو محمد خان مان فائز بدين مان انور علي پٽي، سجاول مان جنيد احمد، مٽياري مان جليل هاليپوٽو، ٽنڊو الهيار مان حنا هاليپوٽو، مظهر خاصخيلي، مس نازش توڙي رانديگرن ۽ انهن جي ڪوچن استادن ۽ والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڪاميابي ماڻيندڙ رانديگرن ۽ رانديگريائين ۾ سرهائي جو اظهار ڪندي هن قسم جي رانڌين جا پروگرام ٿيڻ گهرجن جنهن سان ڪاميابي لاءِ اسان کي وڌيڪ محنت ڪرڻ جو موقعو ملندو. آفيسرن پڻ شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌن همٿ افزائي ڪندي رهنمائي ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي، ان موقعي تي ڊائريڪٽر اسپورٽس حيدرآباد ڊويزن امداد علي ابڙو تقريب کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته رانديون سماج ۾ مثبت تبديليون آڻين ٿيون ۽ عملي زندگيءَ ۾ چئلينجز کي منهن ڏيڻ جو ماحول فراهم ڪن ٿيون. سنڌ حڪومت ۽ ان جو سنڌ ثقافت کاتي نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ رانڌين جي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ تي خاص ڌيان ڏئي رهيو آهي. ان کان اڳ ڄامشورو ضلعي جي اسپورٽس آفيس تحسين ڪوثر چنا ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت طرفان سنڌ جي رانڌين واري کاتي طرفان ڄامشورو اسپورٽس کاتي ضلعي جي ۾ مختلف رانڌين جون سرگرميون ڪرايون ويون جن ۾ ڄامشوري ضلعي جي چئني تعلقن تعلق رکندڙ مختلف رانڌين جي رانديگرن وڏي انگ ۾ حصو ورتو ۽ ڪاميابي ماڻي، جڏهن ته رانڌين جي ميلي ۾ ڄامشوري سوڌو حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي جي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اسپورٽس کاتي ضلعي حيدرآباد جي آفيسر مريم ڪيريو ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت جي رانڌين واري کاتي جي صوبائي وزير محمد بخش خان مهر جي ڪوشش آهي ته رانڌين کي سماج ۾ مثبت تبديليون آڻڻ لاءِ ڪتب آڻي چاڪاڻ ته رانديون عملي زندگيءَ ۾ چئلينجز کي منهن ڏيڻ جو ماحول فراهم ڪن ٿيون.

بقايا 27

محمد احمد لڌيانوي، مولانا اورنگزيب فاروقي، مولانا عبدالخالق رحماني جي اڳوائي ۾ ڪانفرنس ۾ شرڪت سني رابطا ڪائونسل سنڌ جي صدر علامه ثناءُ الله حيدري، مرڪزي سيڪريٽري مولانا عبدالجبار حيدري، مولانا اعظم معاويه مولانا عبدالڪريم مري ۽ چئني صوبن مان هزارين ڪارڪنن شرڪت ڪئي مولانا محمد احمد لڌيانوي جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته پنجاب ۾ سنڌو درياءَ مان 6 ڪئنال ڪڍڻ واري عمل جي حمايت ناهي منهنجو خيال آهي ته پيڪا ايڪٽ سوشل ميڊيا تي ٿيندڙ ناڪاري پروپيگنڊا کي روڪڻ لاءِ آهي مولانا محمد احمد لڌيانوي محمد احمد لڌيانوي چيو ته پيڪا ايڪٽ جي صحافت تي پابندي لڳائي ان جي مخالفت ڪنداسين آمريڪا ۽ اسرائيل گڏجي فلسطينين تي ظلم جا جبل ڪيرائي ڇڏيا هاڻي ٻئي ڏڪيائين ۾ آهن. محمد احمد لڌيانوي آمريڪي صدر ٽرمپ جي مسلمانن خلاف سازشون ڪامياب نه ٿينديون هن چيو ته پارا چنار ۾ پرڏيهي ملڪن مداخلت بند ڪري صورتحال بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي مهانگائي غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، حڪمران مهانگائي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن هن چيو ته شهيد علامه علي شير حيدري جي قاتل کي گرفتار نه ڪرڻ قانون سان مذاق آهي علامه علي شير حيدري جون اسلام لاءِ ڪيل خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون.

بقايا 28

لاءِ آيل گلشير محلا واسي نوجوان واجد علي سومرو جو سي ڊي موٽرسائيڪل ماڊل 2022 نامعلوم چاٻي چور ڪاهي فرار ٿي ويا متاثر واجد علي سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آئون جمن شاهه قبرستان ۾ پنهنجن پيارن لاءِ دعا گهرڻ لاءِ آيس ته موٽر سائيڪل قبرستان ٻاهران بيهاري دعا گهري جڏهن واپس آيس ته منهنجي موٽر سائيڪل نامعلوم چاٻي چور ڪاهي ويا جنهن جي اين سي اي سيڪشن ٿاڻي تي درج ڪرائي آهي هن ايس ايس پي زبير نظير شيخ ۽ ايس ايڇ او اي سيڪشن کي اپيل ڪندي چيو منهنجي موٽر سائيڪل واپس ڪرائي منهنجي پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 29

اسٽيج ڊرامو "پيار زندگي آ" نياز شيخ ۽ امتياز سهاڳ جي هدايتڪاري هيٺ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي اوپن ٿئيٽر ۾ پيش ڪيو ويو ڊرامي ۾ ريما ناز، ابي بوس، احمد پٺاڻ، محب گوپانگ، ڊائريڪٽر نياز شيخ، ليکڪ محبوب گل ٽوتاڻي پنهنجي اداڪاري جا جوهر ڏيکاريا. ڊرامي ۾ گهريلو ۽ معاشرتي مسئلن کي فوڪس ڪيو ويو جنهن ۾ هڪ ڇوڪري سان ٻه نوجوان محبت ڪن جن مان هڪ موالي ابي بوس ۽ ٻيو جواري ۽ ڪڪڙن ويڙهائڻ جو شوقين محبوب گل ٽوتاڻي هوندو آهي، ٻئي ڇوڪري جي عشق ۾ ٻرين عادتون ڇڏي سڌري وڃن ٿا جنهن کان پوءِ جواري پنهنجي محبت جو قرباني ڏئي ٿو ۽ آخر ۾ ڇوڪري جي شادي نشو ڇڏيندڙ نوجوان سان ٿئي ٿي، ان موقعي تي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي نون چونڊيل عهديدارن کي آجياڻو پڻ ڏنو ويو جنهن ۾ سيڪريٽري محمد حنيف سهاڳ، ڊپٽي سيڪريٽري عاشق علي دايو، خزانچي عبدالنبي ساريو، ڊرامه شعبي جي چيئرمين علي روشن شيخ، پريس ۽ پبلسٽي شعبي جي چيئرمين سيد جاويد شاهه، چيئرمين آرڪائيوز قدير ڊومڪي، چيئرمين لائبريري ناظم حسين چانڊيو، در محمد پرڙو، سينيئر اداڪار استاد اڪبر بلوچ سميت آرٽس ڪائونسل جي عهديدارن، ميمبرن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات شيراز عباسي شاهه سائين جي وائي پيش ڪري ڪئي بعد ۾ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي نون چونڊيل عهديدارن کي گلن، سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪري کين مبارڪباد ڏني وئي.

بقايا 30

هائوس تي سرسبز سنڌ سرسبز قرض کان پاڪ پاڪستان جي عنوان هيٺ مڇ ڪچهري ڪوٺائي وئي. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي پاڪستان بچايو تحريڪ جي چيئرمين سجاد سومرو چيو ته اسان جي نهيل ڦيٿي تي دنيا ترقي ڪئي ۽ اسان بجلي جي بحرانن مان به نه نڪري سگهيان آهيون. جڏهن ته دوست ۽ پاڙي سري ملڪ ترقي ڪري رهيا آهن. پر اسان قرضن ۽ بحرانن ۾ ڦاسندا پيا وڃون. پهريان مصنوعاتي اگهن ۾ اضافو صرف بجيٽ ۾ ٿيندو هيو، هاڻي ڪاڌي پيتي جي شين جي اگهن ۾ اضافو روزاني جو معمول بڻيل آهي، جڏهن ته 15 روپين واري گيهه جي ننڍي ٿيلهي 60 روپين تي ملي رهي آهي، هيٺين طبقي جا ماڻهو ماني ڳيپي لاءِ پريشان آهن. هن چيو ته دوست ملڪن جو اخبارون ملڪي خوبصورتي سان ڀريل آهن ۽ اسان جي ملڪ جون اخبارون بدامني، ڦرن، ڌاڙن، قتل وغارت، قبيلائي جهيڙن، معصوم ٻارڙن سان زيادتين ۽ سياسي قوتن جي ٽڪراءَ سان ڀريل آهن. جڏهن ته سياسي، سماجي، مذهبي ڌرين ملڪي وسيلن جي مالڪي لاءِ سگهارو ڪردار ادا ڪندي قرض کان پاڪ پاڪستان، روشن مستقبل لاءِ پاڪستان بچايو تحريڪ جو ساٿ ڏين ته جيئن قوم کي مايوسي ۽ محرومي کان نجات ڏياري سگهون. ان موقعي تي گرين سنڌ فائونڊيشن جي سرواڻ ذوالفقار مگسي چيو ته ٻين ملڪن ۾ گرين بيلٽ ۽ ٻيلا 25 سيڪڙو کان وڌيڪ آهن ۽ اسان وٽ صرف 3 سيڪڙو آهن. جنهن ڪري موسمياتي تبديلين ۾ اضافو ٿي رهيو آهي.

بقايا 01

ڪٽي سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪندي مسمات گل خاتون بروهي، مسمات مختيار، مسمات جان بي بي، نور خاتون، شير محمد بروهي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته بروهي برادري جي بااثر جوابدارن مولابخش بروهي، دلمراد، امامدين ۽ ٻين اسان جي سوٽ عبدالجبار بروهي ۽ خادم بروهي کي مولا بخش بروهي قتل ڪيو آهي جوابدارن خلاف ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ وياسين ته پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪندي موٽائي ڇڏيو آهي هنن ٻڌايو ته معمولي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي ۾ هڪ ڄڻو قتل ٿيو هو جنهن جو فيصلو سردار اورنگزيب بروهي 2019 ۾ ڪيو هو فيصلي ۾ اسان جي مٿان 80 لک ڏنڊ رکي وئي هئي اها رقم ادا ڪري ڇڏڻ باوجود جوابدارن اسان جي سوٽ عبدالجبار ۽ خادم کي دوکي سان گهرائي رستي ۾ قتل ڪرايو آهي جيڪا سراسر ناجائزي آهي هنن اعلي اختيارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 02

ڊرڙو هنيو ويو. جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن نعيم بلوچ، عمير چانڊيو، انعام الله جتوئي، عبدالرحيم عمراڻي، نثار جتوئي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سال 1984ع جي فيبروري مهيني ۾ ان وقت جي موجوده حڪومت سڄي ملڪ اندر شاگرد يونين مٿان پابندي لڳائي وئي آهي، جنهن کي هاڻي ختم ڪئي وڃي، جڏهن ته 4 سال اڳ چيئرمين پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي بيان ۾ چيو هو ته شاگرد يونين تي لڳايل پابندي هٽائي وڃي، پر افسوس جو هن وقت تائين ان تي عمل نه ڪيو ويو آهي، جنهن کي اسان حڪومت جي نااهلي سمجهون ٿا. هنن چيو ته حڪمران شاگردن کان خوفزده آهن، جيڪي سوچن ٿا ته تعليمي ادارن ۾ جيڪڏهن شاگرد سياست ڪندا ته اڳتي هلي هو اسان جي گريبان ۾ هٿ وجهندا. اسان اهو چاهيون ٿا ته تعليمي ادارن اندر شاگردن کي سياست ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي ته ملڪ اندر نوجوان نئين ليبر شپ اڃي سگهي ٿي. هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي شاگرد يونين مٿان لڳايل پابندي کي ختم ڪري شاگردن سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 03

جي شهيدن جي 8 ورسي انتهائي احترام سان قلندر لعل شهباز جي گولڊن گيٽ واري احاطي ۾ ملهائي وئي، جتي شهيدن کي پيتا پيش ڪئي وئي، ورسي تقريب ۾ سڄي سنڌ مان عزادارن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مرڪزي اڳواڻ جعفريا پاڪستان حضرت علامه سيد ساجد علي نقوي، ٽيليفون ذريعي خطاب ڪيو. مرڪزي سيڪريٽري جنرل علامه شبير حسن ميثمي، صوبائي صدر سنڌ علامه سيد اسد اقبال زيدي، علامه سيد محمد تقي نقوي، علامه سيد ارشاد حسين تقوي، علامه محمد علي جروار، علامه سيد ناظر عباس تقوي، علامه جعفر علي سبحاني ۽ ٻين چيو ته درگاهون امن جو پيغام ڏين ٿيون ڪهڙا عناصر هئا جن کي امن پسند ناهي آيو سيوهڻ سانحي کي 8 سال گذري ويا آهن واقعي جي ذميوارن کان عوام بي خبر آهي حڪومت ۽ انتظاميا کي پنهنجي ذميداري ادا ڪرڻ گهرجي سانحي سيوهڻ سميت ڪراچي ,خيرپور شهداد ڪوٽ ,ڪوٽڙي ,نوابشاه ,ٽنڊو آدم, ٻاجهه، شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي واقعن جي حقيقتن کي منظر عام تي آڻيو وڃين ۽ ملوث دهشتگردن خلاف قانوني ڪاروائي عمل آندي وڃي هنن چيو ته پاره چنار جي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي پوليس جي تحفظ هوندي قافلي تي فائرنگ ڪئي وئي بيگناه شهري قتل ڪيا ويا معصوم ڪير پياڪ ٻارڙا بي بيدردي سان قتل ڪيا ويا ۽ امدادي سامان ڪاڻ پيئڻ جون شيون پهچائڻ ۾ مسئلا پيش اچي رهيا آهن عوام ته غير محفوظ بنيل آهي پر انتظاميه پڻ غير محفوظ بنيل آهي اسانجو مطالبو آهي ته پارا چنار ۾ فوري طور تارگيٽ آپريشن ڪيو وڃي عزاداري ڪرڻ اسانجو آئيني حق آهي اسانجي شهري آزادي جو مسئلو آهي لوڪل سطح جي انتظاميا رڪارڊ جو بهانو بنائي مجلسن جلوسن ۽ سبيلن تي رڪاوٽون وجهي رهيون آهن محرم الحرام کان اڳ هوم سيڪريٽري ۽ آئي جي سنڌ جي حڪمن تي هڪ هدايت نامون جاري ڪيو ويو آهي جنهن جي بعض شقون غير آئيني آهن سمجه کان بالا تر آهي پاڻي پيارڻ ڪهڙي مذهب قانون ۾ سزا آهي هوم ڊپارٽمنٽ سنڌ هڪ لسٽ جاري ڪئي هئي ته جنهن ۾ علماء ذاڪرن ۽ خطباء کي مجلس پڙهڻ تي پابندي لڳائي ٿي وڃي نااهلي جي انتها آهي عزاداري تي ڪنهن به قسم جي پابندي قابل قبول ناهي هنن وڌيڪ چيو ته حڪمران مهانگائي بيروزگاري تي توجهه ڏين ملڪي معيشت کي بهتر ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي، سنڌ اندروني شهرن جيڪب آباد , ڪنڌ ڪوٽ , شڪارپور , ڪشمور, گهوٽڪي ۽ ٻين علائقن ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي ڦورون ڌاڙا, چوريون, ڀتا خوري, اغوا لوٽ مار جي بازار گرم آهي وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاه هوش ڪيو اهوئي عوام آهي جنهن توهان کي ووٽ ڏئي اعلي ايوانن تائين پهچايو آهي,سنڌ جي ڪچي واري علائقن ۾ امن امان بحال ڪرايو وڃي. ياد رهي ته قلندر لعل شهباز مزار تي 16 فيبروري 2017 تي خدڪش بم ڌماڪو ٿيو هيو جنهن جي نتيجي ۾ 88 شهيد جڏهن ته 300 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا هئا جڏهن ته شهيدن جي جلسي ۾ سڄي سنڌ مان علماء ڪرام خطبا ذاڪر ۽ سياسي قومي ادارن جون شخصيتن ۽ درگاه گادي نشين شرڪت ڪئي آخر ۾ شهيدن جي بلند درجات ۽ پاڪستان جي ترقي خوشحالي سلامتي لاءِ دعا گهري وئي

بقايا 04

۔حبيب الله سومرو۔ بهرام خان پناڻ۔ مريد سينار جي ڳوٺائن غلام سرور ڪوڪر۔ولي محمد لوهر۔ لطف لوهر۔غلام مصطفي جتوئي۔شفي محمد لوهر۔قربان لوهر ۽ ٻين ايگزيڪٽو انجنيئر هاءِ ويز ڊويزن شڪارپور آفتاب ابڙو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي هنن چيو ته اسين 50 سالن کان پيپلزپارٽي کي ووٽ ڪندا آهيون ۽ سالن کان اسان جا ڳوٺ هتي پڌل آهن پر افسوس اهو آهي ته اسان جي ڳوٺڻ ڏانهن اينڊڙ ڪچي سڙڪ کي پڪو ڪري روڊ تعمير ناهي ڪرائي ڏنو ويو اسين شڪارپور ضلعي جي چونڊيل نمائندن جي درن تي ويا آهيون پر اتان سواءِ سڪڻ دلاسن جي ٻيو ڪجهه به ناهي مليو . اسين روڊس آفيس جا به چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪجي پيا جيڪا هڪ ڪلوميٽر پري به ناهي پوءِ به اسان جو روڊ ناهي ٺهيو هنن چيو ته سال 2024 ۾ انجنيئر آفتاب ابڙو تن اربن جا ٽينڊر ڪيا آهن پوءِ به روڊ نه ٺهيو آهي اسين وزيراعلي مراد علي شاه۔ ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته اسان کي روڊ ٺهرائي ڏنو وڃي نه ته اسين سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا 05

نهال چارڻ ۾ چارڻ هائوس ۾ آل پاڪستان چارڻ برادري جو معزز شخصيت حاجي محمد عارب چارڻ جي نگراني ۾ پاڪستان جي چارڻ برادري جو وڏو ڪٺ گهرايو ويو ڪٺ ۾ حاجي پير بخش چارڻ ، غلام حسين جعفري حاجي اختر عرف موريل چارڻ ، محمد حنيف ، مظهر علي چارڻ ، محمد اياز چارڻ ، ايڊوڪيٽ صفدر علي چارڻ ايڊ وڪيٽ شهزاد برڪت علي ، علي محمد چارڻ ، سياسي سماجي شخصيت سجاد حسين جوڻيجو ، سردار ضياء الدين ساريو ، ڊاڪٽر عبدالرحيم ساريو ، اڳوٽي ضلعي ڪائونسل ميمبر الہ رکيو عباسي ، ناظم راجپوت سردار خميسو خان چانڊيو ، سردار غلام حيدر برهماڻي ، واپاري اتحاد جي صدر اعجاز احمد سومرو ، زاهد زنگيجو ، عدنان ڳاڏهي ، احمد بخش جوڻيجو ، ممتاز ساريو ، قربان ڳاهو ، حافظ عبدالجبار قريشي ، شاهنواز سولنگي ، محبوب علي ، نويد جويو ،غلام نبي نائچ ,ظهير احمد ٻپر سميت وڏي انگ ۾ مختلف برادرين جي چڳن مڙسن شرڪت ڪئي اهم اڳواڻ شريڪ ٿيا چارڻ جي برادري جي چڳن مڙسن جي فيصلي موجب محمد اقبال چارڻ کي سرداري پڳ ٻڌرائڻ جو اعلان بعد ڪين چڳي مڙس جو پڳ پڻ ٻڌرائي وئي جن کي مختلف برادرين مائٽن پاران پڳ کي ورڌنا ويا چارڻ برادري جي نئين چونڊجي آيل سردار ۽ ڪڪڙ جي نالي واري اناج جي واپاري محمد اقبال چارڻ چيو آهي ت آل پاڪستان چارڻ برادري جي ڪٺ ۾ شريڪ ٿي برادرين طرفان مون تي اعتماد ڪندي چڱي مڙس جي پڳ ٻڌرائي آهي انهن جو مان شڪريون ادا ڪيان ٿو انشاء الله سندس جي برادري جي اميدن تي پورو لهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس چارڻ برادري جي پڳ جو ڀرم رکندس ۽ سندس برادري کي ڳالهه ڪٿي هلڻ لاءِ جاکوڙ ۽ پاڻ پتوڙيندس ۽ ڪين اڪيلون ڇڏيو ويندو

بقايا 06

احتجاجي مظاهرو ڪري قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو. مقتول نوجوان فهد سني گدي جي وارثن پٽ شاه پهچي هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري انصاف جو مطالبو ڪيو ويو احتجاج ۾ سندس والد محمد خالد گدي، پائر وقار گدي، بابر گدي، وقاص گدي ۽ احتشام گدي شامل هئا وارثن دانهيندي چيو ته 15 ڏينهن کان حيدرآباد جي حالي روڊ پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ بدران ٺلها آسرا ڏيئي رهي آهي قتل ۾ ملوث جوابدارن شوڪت ڪيبل والا ۽ شهباز ڪيبل والا کي پوليس اڃان تائين گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي اسان جي نوجوان کي بيگناهه قتل ڪيو ويو آهي قاتل سرعام گهمي رهيا آهن انصاف لاءِ پٽ شاه ۾ هيومن رائيٽس جي آفيس پهتا آهيون قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪري نوجوان جي خون سان انصاف ڪيو وڃي ان موقعي تي هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس جي مرڪزي چيئرمين رانا غلام نبي راجپوت پاران مقتول نوجوان جي وارثن کي هر ممڪن سهڪار ۽ مدد جي يقين ڏهاني ڪرائي وئي ۽ ايس ايس پي حيدرآباد ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد سان رابطو ڪري متاثر خاندان کي انصاف ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

بقايا 07

قومي شاهراه تي لاهور کان ڪراچي ويندڙ فيصل موورز ڪوچ کي غلط سائيڊ کان اچڻ تي ڪرولا ڪار ۾ سوار نامعلوم پنجن ڄڻن روڪي شيشا ڀڃي ڊرائيور افضل کي مارڪٽ ڪري ڪيس ۽ ڪوچ جي چابي سميت مبينا اغوا ڪري ڪٽي ويا. ڪوچ ۾ سوار مسافرن جو چوڻ هو ته قومي شاهراه ٽريفڪ سبب جام هئڻ ڪري اسان نيوسعيدآباد شهر اندران يوٽرن ڏئي بائي پاس تي چڙهياسين ته ڪار سوار اسپيڊ سان اچي رهيا هئا انهن اچي ڪوچ جي اڳيان گاڏي روڪي ڊرائيور کي اهو چيو ته غلط سائيڊ کان ڇو ٿا اچو ڪوچ جا شيشا ڀڃي ۽ مارڪٽ ڪري ڪوچ جي چابي سميت ڪار ۾ ويهاري ڪٽي ويا. ڪوچ ۾ سوار عورتون، معصوم ٻارڙا ۽ ٻيا مسافر سخت پريشاني جو شڪار ٿي روڊ تي بي يارو مددگار ويٺل هئا ڪوچ انتظاميا ٻي ڪوچ گهرائي ڪين روانو ڪيو. اطلاع تي نيوسعيدآباد پوليس ۽ موٽروي پوليس پڻ پهچي واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا. معلوم ٿيو آهي ته نامعلوم جوابدارن ڊرائيور کي نوابشاه ڪنٽي مارڪٽ ۽ حراسان ڪرڻ بعد ڪيس ڇڏي ڏنو. رابطي ڪرڻ تي ايس ايڇ او نيوسعيدآباد شاه الزمان چانڊيو جو چوڻ هو ته اسان وٽ اهڙي واقعي جي رپورٽ داخل نه ڪرائي وئي آهي

بقايا 08

حصو وٺندڙ اميدوارن انصاف لاءِ عدالت جو در کڙڪائي ڇڏيو عدالت سيڪريٽري ايجوڪيشن، آئي بي اي ۽ ايس ٽي ايس ادارن کي مسئلو حل ڪرڻ جي هدايت جاري ڪئي آهي. ان ڏس ۾ عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪندڙ اميدوارن زاهد لغاري ۽ ٻين ٻڌايو ته آئي بي اي پرائمري ماستريءَ لاءِ 25_2_2023 واري صبح تي ورتل ٽيسٽ جي جوابن ۾ 2 غلطيون ۽ 26_2_2023 تي صبح واري ٽيسٽ ۾ 6 غلطيون هيون. جن جي اسان اڳوڻي سيڪريٽري ايجوڪيشن اڪبر لغاري ۽ وزير تعليم سردار شاه کي شڪايت ڏني. جنهن تي انهن اسان کي مسئلو حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو پر ان تي عمل نه ٿيو جنهن کان پوءِ اسان هائي عدالت جو دروازو کڙڪايو آهي. هن ٻڌايو ته اسان جي ڪيس جي پيروي وڪيل علي اسدالله بلو ڪري رهيو آهي. گذريل ٻڌڻيءَ تي عدالت سڳوري سيڪريٽري ايجوڪيشن، آئي بي اي ۽ ايس ٽي ايس کي مسئلو حل ڪري 28 فيبروري تائين رپورٽ ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي. انهن چيو ته اسان کي اميد آهي ته اسان سان انصاف ٿيندو.

بقايا 09

ڪندي چيو ته چوڻ ڊسمبر ۾ هزار چوڻ تي منهنجي پيءُ ماءُ ۽ منهنجي نانا جان محمد لوهر ,مسمات پروين پيارو ڪوسو ۽ فيملي جي سيني فردن جي مرضي سان ٽرڙي حاجران ڳوٺ جي رهواسي اياز پٽ گلزار چانڊيو سان منهنجي نڪاح ڪرائي وئي ۽ ان بعد مان پنهنجي مڙس سان ڪڏ گذري واري علائقي ڪراچي ۾ پرسڪون زندگي بسر ڪري رهي آهيان منهنجو مڙس ۽ منهنجا ساهرن جو مون سان رويو بهتر آهي، ۽ مون سان سيٺي سٺي نموني سان پيش اچن ٿا, ڪڏهن به مڙس ۽ ساهرن مون سان ڪو جهيڙو جهٽو ۽ نه وري ڪو تشدد ڪيو آهي, مان عاقل بالغ وات وڪيل آهيان پنهنجو پلو ٻرو چڱي ريت سمجهي سگهان ٿي ۽ منهنجي ماءُ ۽ نالي مسمات پروين سميت ٻين منهنجي مائٽن قمبر ڪورٽ ۾ پنجويه فيبروري ۾ هزار پنجويه تي ڪوڙ تي مبني پٽيشن داخل ڪرائي آهي ته منهنجو مڙس ۽ منهنجا سهرا مون تي تشدد ڪن ٿا,آءَ حلفيہ چوان ٿي اهڙي ڪا به ڳالهه نه آءَ پنهنجي مڙس سان خوش آهيان جيڪڏهن آءَ ڪورٽ ويندس ته هو مون کي اغوا ڪري زبردستي ڪٽي ويندا ان ڪري مون به ڏينهن اڳ ڪراچي سٽي ڪورٽ سيشن جج وٽ مزڪوره مائٽهن خلاف پٽيشن داخل ڪرائي ڇڏي آهي ,مان چيف جسٽس سپريم ڪورٽ پاڪستان ,چيف جسٽس سنڌ هائيڪورٽ ,انساني حقوق جي تنظيمن , آءَ جي سنڌ ,ڊي آءَ جي لاڙڪاڻو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪريان ٿي ته هنن جي ڪوڙي پٽيشن کي خارج ڪري مون ۽ واڳين جي وات کان بچائي مون کي منهنجي مڙس ۽ ساهرن کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 10

هاليپوٽو ميڊيڪل ڊسپينسري عبدالله جوڻيجو ۽ ميڊيڪل ڊسپينسري چودهري دين محمد تعلقو ٽنڊوباگو جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي بدين ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. ان سلسلي کي لاڳيتو برقرار رکندي اڄ ٻن ڊسپينسرين جو افتتاح ڪيو ويو آهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي پاڪستان پيپلزپارٽي جو ضلعي صدر ۽ ضلعي چيئرمين جام علي اصغر هاليپوٽو چيو ته 32 لک روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ ميڊيڪل ڊسپينسري چودهري دين محمد ۽ 25 لک روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ ميڊيڪل ڊسپينسري عبدالله جوڻيجو جو افتتاح ڪري رهيا آهيون هن چيو ته 15 ميڊيڪل ڊسپينسريون پي پي ايڇ آئي جي تعاون سان ضلعي ڪائونسل جي زيرنگراني هلي رهيون آهن اهو انگ وڌائي 45 ڪيو ويندو هن وقت 15 ميڊيڪل ڊسپينسرين ۾ روزانو سوين مريضن کي مفت طبي سهولتون ڏنيون پيون وڃن هن ڳوٺاڻن جي مطالبي تي انهن کي يقين ڏياريندي چيو ته تمام جلد چودهري دين محمد ڊسپينسري کي چوديواري ڏياري ويندي ڪوشش ڪري هن ڊسپينسري کي بي ايڇ يو جو درجو ڏياري ايمبولينس پڻ ڏني ويندي هن ڊسپينسري عملي سان ڳالهائيندي چيو ته زندگي بچائڻ وارين بنيادي دوائون هر وقت هجڻ گهرجن هن چيو ته ٻهراڙين ۾ ڊسپينسري نهڻ سان عام ماڻهن کي طبي امداد لاءِ شهرن ڏانهن وڃڻ جي ضرورت نه پوندي ايمرجنسي حالتن ۾ فوري طبي سهولت ملي سگهندي ڊسپينسري هجڻ سان صحت بابت آگاهي وڌي ٿي، جيئن صفائي، ويڪسين، ۽ غذائيت بابت ڄاڻ ملي ٿي ماڻهن کي ڊگهي سفر ۽ وڏي اسپتالن جي مهانگي فيس کان بچاءُ ملي ٿو ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت آگاهي مهمون هلايون وڃن ٿيون ٻهراڙين ۾ ڊسپينسري جو قيام نه رڳو صحت جي بهتري لاءِ ضروري آهي، پر هيءَ سهولت مجموعي طور تي ماڻهن جي زندگين کي بهتر بڻائي سگهي ٿي ان موقعي تي ترجمان سنڌ حڪومت جام عبدالواحد هاليپوٽو چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي صحت جي شعبي ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا آهن جنهن جو مثال ماضي ۾ نه ملندو هن چيو ته ماڻهن کي صحت جون سهولتون ڏيڻ حڪومت سنڌ جي پهرين ترجيح آهي هر ننڍي وڏي اسپتال مان ڊاڪٽرن سميت ميڊيڪل اسٽاف جي کوٽ ختم ڪئي ويندي ان موقعي تي وائس چيئرمين ضلع ڪائونسل فدا حسين منترو، انفارمشن سيڪريٽري حاجي مير ملاح، پاڪستان پيپلزپارٽي جو تعلقي تلهار جو صدر نياز احمد لاشاري، چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل اشوڪ ڪمار ۽ ٻيا سياسي سماجي اڳواڻ پڻ موجود هئا

بقايا 11

آهي ته خيبرپختونخواه جي عوام به پي ٽي آءِ باني جي انتشار ۽ باهيون ڏيڻ واري سياست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. هن دعويٰ ڪئي ته حڪومتي وسيلن جي استعمال ۽ سرڪاري ملازمن جون جلسي گاهه ۾ حاضريون لڳرائي به هي پنج هزار ماڻهن کي گڏ نه ڪري سگهيا. عظميٰ بخاري چيو ته جنيد اڪبر پنهنجي پهرين امتحان ۾ ئي فيل ٿي ويو جڏهن ته علي امين گنڊاپور روايت موجب پي ٽي آءِ باني کي خوش ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. هن چيو ته پنجاب جي ڪنهن به ضلعي مان ماڻهو نه نڪتا، جيڪي نڪتا به اهي صرف ڊيڪارڻ جي لاءِ گرفتاريون ڏيڻ آيا ته جيئن پي ٽي آءِ باني جي سامهون نمبر ناهي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته 9 مئي ۽ 26 نومبر جي ناڪام بغاوتن کان پوءِ عوام احتجاجي سياست کان تنگ اچي چڪي آهي. خيبرپختونخواه جي نوجوانن به ڏسي ورتو آهي ته پنجاب جي نوجوانن کي اليڪٽرڪ بائيڪس ۽ اسڪالرشپ ملي رهي آهي. انهي ڪري انهن کي به ساڳيون سهولتون ملڻ گهرجن. عظميٰ بخاري اعلان ڪيو ته انشاءالله جلد ئي مريم نواز خيبرپختونخواه جي نوجوانن کي به اسڪالرشپ ڏيندي. هن مسلم ليگ(ن) جي قيادت ويزن تي ڀروسي جو اظهار ڪندي چيو ته ميان نوازشريف جي قيادت ۾ پاڪستان ٻيهر هڪ طاقتور ملڪ جي طور تي دنيا جي نقشي تي اڀري رهيو آهي.

بقايا 12

جي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي 13 جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان جوا جي مختلف گيمن جو سامان ۽ 64 هزار 650 رپيا روڪ رقم هٿ ڪري ورتي جوابدارن غلام مرتظي,ربنواز,اسليم پرويز سميت 13 جوابدارن خلاف جوا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ڪامياب ڪاروائي تي ايس ايس پي سکر پوليس ٽيم کي شاباس ڏيندي ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون آهن

بقايا 13

پٽيل جو چوڻ هو ته هوءَ سمجهي ٿي ته سندس زمانو حقيقي دنيا سان وڌيڪ جڙيل هو هن وڌيڪ چيو ته ان دور جا فنڪار، شاهه رخ خان سميت سلمان خان، پريتي زنٽا، راڻي مکرجي، ڪرينا ڪپور ۽ ٻيا سڀ پنهنجي ڪم تي ڌيان ڏيندا هئا ۽ انهن لاءِ ڪئميرا جي سامهون بهترين پرفارمنس ڏيڻ ئي سڀ کان وڏي ترجيح هئي. اميشا پٽيل جو وڌيڪ چوڻ هو ته نون اداڪارن کي سوشل ميڊيا تي متحرڪ رهڻ بدران پنهنجي مهارت کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

بقايا 14

بٽيل آهي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ چيف آف آرمي اسٽاف نوٽيس وٺي (اڳوڻو وفاقي وزير لياقت علي جتوئي) :۔ دادو ۾ سماجي تنظيم جي سنڌ تي پريا ڪماري، نويد لاشاري جي بازيابي ۽ سنڌو درياهه تي ڊاڙي خلاف اعجاز ملڪاڻي، سڪندر ڪوڪر، حميد ميمڻ، منصور پنهور، احمد ملاح، عرفان پنهور، حسين جمالي، دانش خشڪ، محمد عالم شاهاڻي، پرويز ٿهيم، مهدي چنا، خيرالدين لاشاري، زين، سراج الدين سومرو، معشوق پنهور، عرض محمد، سجاد ملاح، ظفر لغاري، ڪامريڊ نياز چنو ۽ ٻين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو مظاهرين ڏانهيو ته 42 مهينن کان پريا ڪماري اغوا آهي جوڙيل جي آئي ٽي ڀ با اٿرن آڏو بيوس بٽيل آهي عوام جي جان و مال جو تحفظ ڪندڙ پوليس معصوم ٻارڙي پريا ڪماري کي بازياب ڪرائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي، جيڪب آباد جي ٺل واري علائقي مان پڻ سالن کان معصوم نينگر نويد لاشاري اغوا آهي جيڪو هن وقت تائين بازياب نه ٿي سگهيو آهي، هنن چيو ته وفاقي حڪومت سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍي چولستان جي لکين ايڪڙ غير آباد زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ جي عوام جو معاشي قتل عام ڪرڻ ٿي چاهي سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ پوري بنجر بڻجي ويندي مظاهرين مطالبو ڪيو ته سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ وارو وفاق فوري طور فيصلو واپس وٺي ۽ سنڌ حڪومت پريا ڪماري ۽ نويد لاشاري کي جلد بازياب ڪرائي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو, احتجاج دوران اڳوڻو وفاقي وزير لياقت علي جتوئي، عاشق علي زئونر ڊرڙي ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳوڻي وفاقي وزير لياقت علي جتوئي جو چوڻ هو ته سنڌ پوليس سياسي ماڻهن جي غلام بٽيل آهي پريا ڪماري کي بازياب ڪرائڻ لاءِ چيف آف آرمي اسٽاف نوٽيس وٺي ۽ نياڻي کي بازياب ڪرايو وڃي، هن چيو ته وفاق پاران سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجن جا سلسلا جاري رهندا.

بقايا 15

اياز لطيف پليجو مظهر راهوجو، انور نوحاڻي، شوڪت نوحاڻي، مجيد ٻگهيو، ڪامريڊ ڪرڙ رپهاري، سنڌياڻي تحريڪ جي صدر زينت سمون، نصرت خاصخيلي، نثار پرڳڙي، راجيش ڪمار، خادم سمون، رب ڏنو ملڪ، صديق اوٺو، انور فوجي، مقصود پرڳڙي، رازو ڪولهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سمن ڳوٺ کان شروع ٿيو. جنهن جو دولت لغاري، لغاري ڳوٺ، جروار شاخ، چانڊني چوڪ، اسٽيشن چوڪ، بلديا بلاڪ ۽ پريس ڪلب پهچڻ تي گلن سان ورڪا ڪري اجرڪون اوڍائي شاندار استقبال ڪيو ويو پيادل مارچ پريس ڪلب پهچي جلسه عام ۾ تبديل ٿي وئي. ان موقعي تي اياز لطيف پليجي خطاب ڪندي چيو ته پاڻي ڪوٽ جي ڪري سڄي سنڌ سڪي رهي آهي. ڪوبه پڇڻ وارو ناهين وآپدا چيئرمين ٻڌائي چڪو آهي ته 6 ڪئنالن جي منظوري پيپلزپارٽي ڏني آهين سنڌ ۾ زراعت، تعليم، صحت ۽ گورننس تباهه ٿي چڪي آهي. پيپلزپارٽي سنڌ جو درياهه ۽ وسيلا ڏئي اقتدار خريد ڪيو آهي. چولستان ۽ ٻيا 6 ڪئنال ٺهيا ته سنڌ بنجر ٿي ويندي. اياز لطيف پليجي چيو ته حڪمران نٿا سمجهن ته هي وقت صوبن کي جوڙڻ جو آهي، ويڇا وجهڻ ۽ ٽوڙڻ جو ناهي. وفاق، پارليامينٽ ۽ عدليه سنڌ جي عوام جي شڪايت نٿا ٻڌن. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ مان چونڊيل سيني پارٽين عوام کي مايوس ڪيو آهي. اهي پنهنجو احتساب ڪن وزيراعظم کي سوچڻ گهرجي ته 3 سالن ۾ عوام جا وچايو ڇا حاصل ڪيو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ حڪمرانن ڪان پڇي رهيو آهي ته آسان کي پڙهائڻ ۽ بنجر ڇو پيو ڪيو وڃي. سنڌ جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي ناهي. سمنڊ زمين ڳڙڪائي رهيو آهي. سنڌ کي بنجر بڻايو پيو وڃي. سنڌ اسيمبلي، ايم پي ايز، ايم اين ايز ڪٿي آهن؟ اياز لطيف پليجي چيو ته ارسا، واپڊا، سي ڊبليو پي ۽ سي سي آءِ تعصب سان ڀريل ادارا ثابت ٿيا آهن وفاقي ۽ صوبائي حڪمران سنڌ جي عوام. جو استحصال بند ڪن اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جو عوام هر قيمت تي پاڻي ۽ وسيلن جو دفاع ڪندو. بندرگاهه، گئس ۽ پيٽرول ڏيندڙ سنڌ کان پاڻي نه کسيو وڃي. سنڌ جي پاڻي، زمينن، ٻيٽن ۽ وسيلن تي قبضو برداشت نه ڪنداسين. اياز لطيف پليجي چيو ته درياهه سنڌ تي نون ڪئنالن جي منصوبي کي رد ڪريون ٿا. حڪمران ذاتي مفادن جي لاءِ پاڪستان جي وفاق ۽ مستقبل سان کيڏڻ بند ڪن. اياز لطيف پليجي چيو ته آصف زرداري ٻڌائي ته توکي ڪيترا پئسا گهرجن ته جيئن سڄي سنڌ جا ماڻهو چندو ڪري پئسا ڏين. آصف زرداري بلاول کي وزيراعظم بڻائڻ جي قيمت سنڌو درياهه لکين ايڪڙ زمين ۽ وسيلن جي صورت ۾ ڏنا آهن. جيئن ڪالاباغ ڊيم ناهڻ نه ڏنو ائين چولستان سميت 6 ڪئنال ناهڻ نه ڏينداسين. شهباز شريف ۽ وفاقي حڪومت سنڌ کان لاتعلق آهن. عمران خان اقتدار ۾ هو سنڌ کان لاتعلق هو. پيپلزپارٽي کي اقتدار تي مسلط ڪندڙ طاقتون سنڌ سان گڏ پاڪستان کي به ديوار سان لڳائي رهيون آهن. گرين پاڪستان سنڌ کي بنجر بڻائڻ جو منصوبو آهي. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجي خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه ۾ پاڻي ناهي. پٽي صاحب جي دور ۾ چشما جهلم ۽ تونسا ڪئنال ناهيا ويا. وري پ پ حڪومت ٿل ڪئنال ناهيو انهن ڏاڙيل ڪئنالن ذريعي سنڌ جو 12 مهينا پاڻي چوري ڪيو وڃي ٿو هاڻ وري آصف زرداري بلاول کي وزيراعظم بڻائڻ لاءِ درياهه جي قيمت ڏني آهي. 6 ڪئنال ناهي سنڌو درياهه جو رخ چولستان ڏانهن ڪيو پيو وڃي. اهي ڪئنال ٺهي ويا ته پاڻ سڀ پاڻي ڦڙي لاءِ سڪي ويندا سين. فصل ڪو نه ٿيندا. باغ ختم ٿي ويندا. پيئڻ لاءِ ته ٺهيو غسل جيترو پاڻي به ڪو نه ملندو. هن چيو ته گرين پاڪستان جو مطلب بنجر سنڌ آهي. ڪارپوريٽ فارمنگ سنڌ دشمن منصوبو آهي. سنڌ جي زمينن جا سودا ڪيا پيا وڃن. 17 سالن ۾ زرداري جي حڪومت آهستي آهستي سنڌ جا سمورا وسيلا ڏئي ڇڏيا آهن. بدلي ۾ ڪرپشن ۽ اقتدار کي تحفظ ڏئي سنڌ جي دولت لٽي آهي. سنڌ ۾ سڀ کان وڏو زميندار آصف زرداري آهي. سڀ کان وڏي دولت به آصف زرداري وٽ آهي. سنڌو درياهه اسان جي هزارين سالن جي تهذيب آهي. حڪمران درياهه کپائي رهيا آهن ۽ اقتدار خريد ڪري رهيا آهن. سنڌ جا ماڻهو هرگز پنهنجو درياهه کپائڻ نه ڏيندا ۽ هر قيمت تي درياهه جو تحفظ ڪندا. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ انور نوحاڻي خطاب ڪندي چيو ته سنڌيو پنهنجي بربادي کي روڪيو. سنڌو درياهه کي بچايو. 6 ڪئنالن کي روڪيو. سنڌ دشمن منصوبن خلاف اياز لطيف پليجي جو ساٿ ڏيو. ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين پاڪستان منصوبو قاتل منصوبا آهن. سنڌ شمن منصوبا آهن. پيپلزپارٽي حڪومت کي سنڌ سان ڪو به پيار ناهي ۽ نه ئي شهيدن سان پيار آهي. هن کي اقتدار ۽ پئسي سان پيار آهي. ان لاءِ هو درياهه وڪڻي رهيو آهي. سنڌ جي زمينن تي قبضي جي سازش کي روڪيو. اسان کي تباهي ۽ بربادي جا منصوبا قبول ناهن. وفاقي حڪومت سنڌ دشمن آهي. سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون خطاب ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي نوازليگ سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍي ۽ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون گرين پاڪستان جي نالي ۾ مختلف ڪمپنين کي ڏئي سنڌي ماڻهن جي نسل ڪشي ڪرڻ چاهين ٿيون. سنڌو درياهه تي حملو ڪندڙن سان پيپلزپارٽي گڏ آهي سنڌو درياءَ مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ بنجر ٿيڻ سان گڏ ڏڪار جو شڪار ٿي ويندي ۽ جرجو پاڻي زهريلو ٿي ويندو. سمنڊ لاڙ جي ضلعن کي مڪمل ڳڙڪائي ويندو. سنڌ جون نياڻيون جيستائين زنده آهن تيستائين پنهنجي سنڌو درياهه ۽ زمينن تي قبضو ٿيڻ هرگز نه ڏينديون. پيپلزپارٽي چاهي ٿي ته سنڌي ماڻهو خوشحال ٿيڻ بدران اسان جا غلام هجن پيپلزپارٽي پنهنجي 17 سالن جي اقتداري دور دوران سنڌ کي مصيبتن کان سواءِ ڪجهه به نه ڏنو آهي. سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري نصرت خاصخيلي خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه تي لڳندڙ ڌاڙي کي لڪين سنڌياڻيون پنهنجي پر امن جدوجهد ذريعي ناڪام بڻائينديون سنڌياڻي تحريڪ سنڌو درياهه تي ڌاڙي خلاف هر دور ۾ اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ جي وجود کي بچائڻ لاءِ تاريخي جدوجهد ڪيون آهن سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر ڪامريڊ ڪرڙ رپهاري خطاب ڪندي چيو ته وفاقي حڪومت ۽ سنڌ حڪومت گڏجي سنڌ دشمن منصوبا جوڙي رهيا آهن 6 ڪئنال ڪڍي هميشه لاءِ سنڌو درياهه کي بند ڪيو ويندو. شهباز شريف ڪا نئين يونيورسٽي چولستان ۾ ناهي. ڪا نئين اسپتال، ڪو صنعتي زون چولستان ۾ قائم ڪري جنهن جو سنڌ کي فائدو ٿئي. سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙي لاءِ ڪئنال ۽ زمينن تي قبضن لاءِ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ حملو ڪيو پيو وڃي. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ مجيد ٻگهيو خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ سان دوکا ڪيا پيا وڃن جعلي اليڪشن ڪري هر ڀيري ڪرپٽ ماڻهو ۽ سوديبازي ماڻهو اقتدار ۾ آندا وڃن ٿا. هن وقت اڄ پڇ سنڌ نازڪ دور مان پئي گذري. آصف زرداري اقتدار جي قيمت طور سنڌو درياهه ڏئي 6 ڪئنال ناهي سنڌ کي پڙپانگ پيو بنائي. سنڌو درياهه تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏينداسين. قومي عوامي تحريڪ ضلعي ميرپورخاص جي صدر شوڪت نوحاڻي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ دشمن ڪئنال ٺهيا ته سنڌ جو پاڻي بند ٿي ويندو. 10 سالن ڪانپوءِ سنڌ بنجر ٿي ويندي. ارسا پاڻي چوري ۾ سهولتڪار آهي. راجيش ڪمار خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ماڻهو پنهنجي اينڊڙ نسلن جي جيابي لاءِ جدوجهد ڪن قومي عوامي تحريڪ ۽ اياز لطيف پليجو سنڌي ماڻهن کي جاڳائي رهيو آهن ته درياهه لاءِ اسان جو ساٿ ڏيو ڪنهن به صورت ۾ زمينن تي قبضا ۽ ڏاڙيل ڪئنال ناهڻ نه ڏينداسين.

بقايا 16

لاکو وحيد سنڌي، امير باغي، ڪرن نظاماڻي، اسد سنڌ يار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پهتل پيادل مارچ جو مختلف هنڌن تي گلن جي ورکا سان آجيان ڪئي وئي پٽ شاه قومي شاهراه ۽ ڪنڊو اسٽاپ تي ايس يو پي اڳواڻ شڪور ناز خاصخيلي پاران پيادل مارچ جو استقبال ڪيو ويو اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي مزار تي حاضري پري سنڌ ڌرتي سان ٿيندڙ زيادتين جي دانهن ڏني وئي، اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌو دريا اسان جو جياپو آهي ڪئنال ناهڻ سنڌ کي سڪائڻ جي سازش آهي سنڌو دريا تي ڪئنال ناهڻ سان سنڌ بنجر بڻجي ويندي اسان ڪنهن به صورت ۾ سنڌو دريا تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏينداسين ڪئنالن جو فيصلو واپس وٺڻ تائين اسان جي جدوجهد جاري رهندي پيادل مارچ ڪنڊو اسٽاپ تي پهچي اسٽاپ ڪيو ۽ اڳواڻ توڙي ڪارڪن رات پٽ شاه ۾ ترسڻ بعد صبح جو ٻيهر ڪنڊو اسٽاپ کان پيادل مارچ شروع ۽ ڪري پنهنجي منزل طرف روانو ٿيندو

بقايا 17

مڪلي کان ٺٽي شهر تائين احتجاجي مارچ ڪيو ويو مارچ ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي ۽ ضلعي قيادت سميت سنڌياڻي تحريڪ جون نارين نوجوان به وڏي انگ ۾ پڻ شريڪ هئا سوين ماڻهن جو پيادل مارچ نعرن جي گونج ۾ مڪلي کان ٺٽي طرف روانو ٿيو مارچ جي مختلف هنڌن تي ماڻهن شاندار استقبال ڪيو عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر وسند ٿري، جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون، عوامي تحريڪ ٺٽي جي ضلعي صدر عبدالرزاق چانڊيو، منا خان لاشاري، گهنور خان زنئور، عبدالقادر رانتو سنڌياڻي تحريڪ ٺٽي جي صدر سلما لاشاري ساڻره رزاق، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نڪتل مارچ ۾ پبلڪ پارڪ مڪلي کان شروع ٿيو مارچ ۾ شريڪ عورتن ۽ مردن ڪئنال اڏڻ واري فيصلي خلاف زوردار نعرا هنيا. مڪلي کان ٺٽي تائين 5 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪري ٺٽي جي مين رڪشا اسٽاپ تي ڌرڻو هنيو ويو جتي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر وسند ٿري، نور احمد ڪاتيار، ڏاڏا قادر رانتو حورالنساء پليجو، عمر سمون، رزاق چانڊيو، گهنور زنئور، منا خان لاشاري ۽ ٻين چيو ته سنڌو درياءَ سنڌ جي جيابي جو واحد وسيلو آهي جنهن مان 6 ڪئنال ڪڍي سنڌوءَ کي سڪائي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازش تي حڪمران عمل پيرا آهن اهڙي سازش کي ڌرتي ڌڻي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا انهن چيو ته سنڌ هزارين سالن جي تهذيب کي سنڌو درياءَ جي ڪري ئي جنم ڏنو آهي تهنڪري سنڌو دريا تي ڌاڙو سنڌ جي زمينن تي والار ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي ڌرتي ڏئين سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف عوامي تحريڪ جدوجهد جاري رکندي انهن وڌيڪ چيو ته پ پ جي ڪئنالن خلاف موقف مبهم ۽ منافقانو آهي واپڊا چيئرمن جي بيان پ پ جي زرداري ٽولي جي منهن تي چماٽ آهي ان جو پ پ جي ڪنهن به ذميوار شخص ڪو به وضاحتي جواب ناهي ڏنو سنڌي ماڻهو پنهنجي هزارين سالن جي سڃاڻپ سنڌو درياءَ تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندا انهن مطالبو ڪيو ته ڪراري بنيل ڪئنال فوري طور رد ڪري سنڌ کي ڀڙپانگ ڪرڻ جي ناپاڪ سازش کي ختم ڪيو وڃي

بقايا 18

سعيد غني چيو آهي ته ڪراچي جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا پيا وڃن. پريس ڪانفرنس ڪندي سعيد غني چيو ته اسان کي نفرت جي سياست جو خاتمو ڪرڻو آهي، پ پ ڪڏهن به نفرت جي سياست ناهي ڪئي. هن چيو ته عوامي مسئلن جو حل ۾ پ پ کان بهتر ڪا جماعت ناهي، اسان شهر ۾ پ پ کي مضبوط ڪنداسين، ڪراچي کي پ پ جو ڳڙهه بڻائينداسين. سندس چوڻ هو ته پ پ عام ماڻهن کي اسيمبلي ۾ موڪليندي آهي، ڪنهن ٻي جماعت ۾ همت ناهي ته اهڙو ڪري. ايم ڪيو ايم ۾ اندروني ڏڦيڙ آهن هو پنهنجو معاملو آهي، ڪامران ٽيسوري پنهنجي پارٽي جي اندر مخالفت تي ڌيان ڏئي. سعيد غني چيو ته گورنر کي آءِ جي ٽريفڪ نٿو بڻجي سگهي، رڳو ڊي آءِ جي جي پي آر او بڻجي سگهي ٿو.

بقايا 19

چيو آهي ته عمران خان جي دل ۾ ڇا آهي انهي تي مان ڪجهه نٿو چئي سگهان. هڪ انٽرويو جي دوران علي امين گنڊاپور چيو ته مون کي عمران خان سان ملاقات جي لاءِ نه پيو ڇڏيو وڃي. عمران خان ملاقات جي دوران ناراضگي جي ڪا به ڳالهه ناهي ڪئي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن حڪومت اسان جا مطالبا پورا نٿي ڪري ته ڳالهيون ٻيهر شروع ٿي سگهن ٿيون. ڳالهين جي لاءِ اسان ۽ حڪومت به ڪميٽي ناهي هئي، اسان جي مطالبن تي عمل نه ٿيو ته اسان ڳالهيون ختم ڪري ڇڏيون. ڪي پي ڪي جي وڏي وزير چيو ته اسان جي صوبي جي گورننس تي صرف بيان ڏاهيا پيا وڃن. ٻين صوبن جون حڪومتون اسان سان گڏ ويهي مناظرو ڪري وٺن. جيڪڏهن حڪومت اسان جا مطالبا پورا ڪري ٿي ته ڳالهيون ٻيهر شروع ٿي سگهن ٿيون. پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ اختلافن جي حوالي سان سوال تي علي امين گنڊاپور چيو ته پارٽي جي اندر هر تڪ ۾ مخالف هوندا آهن.

بقايا 20

جو گولو اماڻي ڇڏيو غوٺپور شهر اندر ڌوهارين پاران پتي جي پرچين ڪانپوءِ هاڻي هندو برادري کي راڪيٽ لانچر موڪلڻ وارو عمل ڪانپوءِ شهر جي سينيئر صحافي، سماجي اڳواڻ ۽ جي يو آءِ جي ڪارڪن ڊاڪٽر سندر داس بالاڻي کي ڪچي جي ڌوهارين پاران پتي جي ڌمڪي طور راڪيٽ لانچر موڪلڻ تي هندو برادري ۽ صحافي برادري ۾ شديد غصو ۽ ڏاءُ پکڙجي ويو. غوٺپور جي صحافي ڊاڪٽر سندر لال جي نجي ڪلينڪ تي بن بت پڌل ڌوهارين راڪيٽ لانچر رکي سندس عملي کي ڌمڪي ڏني ته ڊاڪٽر کي هي گفٽ پهچايو ۽ نيابو ڏيوس ته پئسن سوڌي اسان موڪلي ٿا ڏيون ته ڪس تڪليف سان منهن ڏيڻو پوندو جنهن بعد ڌوهاري فرار ٿي ويا. پٽي پاسي اهڙي واقعي بعد شهرين ۽ هندو برادري ۾ خوف جي لهر پکڙجي وئي جڏهن ته غوٺپور پريس ڪلب جي اڳواڻن جماالدين اوگاهي، ناراڻ ناز، شير زمان بجاراڻي، عبدالسميع بجاراڻي ۽ ٻين اهڙي واقعي جي سخت مزمت ڪندي آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي ڪشمور کان فوري مطالبو ڪيو ته غوٺپور شهر اندر پتا مافيا ۽ انجي سهولتڪارن خلاف سخت ڪان سخت ڪاروائي ڪري صحافين کي تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا 21

راڄ خلاف ڪندن ٻاءِ پاس شڪارپور انڊس هاءِ وي تي "عوامي ڌرڻي" جون تياريون زور ۽ شور سان جاري آهن ان سلسلي ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف، ضلعي امير عبدالسميع شمس ڀٽي سان گڏجي ڪندن ٻاءِ پاس تي دورو ۽ انتظامي جائزو توڙي خصوصي هدايتون جاري ڪيون. هوڏانهن جماعت اسلامي سنڌ جي نائب امير حافظ نصرالله چنا ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي جي امير غلام مصطفيٰ ميراڻي سان گڏجي ڪنڌڪوٽ، ڪشمور، غوث پور سميت مختلف هنڌن تي سياسي، سماجي اڳواڻن، واپارين تنظيمن جي عهديدارن سان ملاقاتون ڪري بي امني خلاف عوامي ڌرڻي ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. جنهن ۾ صرافه يونين جي حاجي حضور بخش مغل، هندوپنچائت ۽ اناج منڊي جي صدر سيٺ نند لال، سردار شير محمد باجڪاڻي سميت ٻيا اڳواڻ پڻ شامل هئا. ان موقعي تي حافظ نصرالله چنا جو چوڻ هو ته شهرين جي جان، مال ۽ عزت آبرو جي حفاظت ڪرڻ ڪنهن به حڪومت جي پهرين ترجيح هوندي آهي، پر پوليس کي سياسي ۽ پنهنجي مفادن جي نگهباني لاءِ استعمال ڪري سنڌ کي ڌاڙيل راڄ ۽ انهن جي سرپرست ظالم وڏيرن، پوتارن ۽ سردارن جي حوالي ڪيو ويو آهي جو ڪري سنڌ جو عوام امن لاءِ واجهائي رهيو آهي باقي رهيل ڪسر قبيلائي جهيڙن پوري ڪري ڇڏي آهي جن کي پڻ مافيا جي سرپرستي حاصل آهي. جماعت اسلامي عوام جي دلين جي آوازبڻجي عملي ميدان ۾ لٿل آهي. شڪارپور انڊس هاءِ وي تي عوامي ڌرڻو به ان سلسلي جي ڪڙي آهي، عوام ڌرڻي ۾ ڀرپور شرڪت ڪري ڌاڙيل راڄ جي تابوت جي خاتمي لاءِ اسان جا هٿ مضبوط ڪري.

بقايا 22

علماء ڪائونسل پاڪستان (SUC) طرفان شهداء قلندر لعل شهباز سيوهڻ شريف جي ورسي جي موقعي تي وڏي تعداد ۾ زائرين جو قافلو ضلعي خيرپور مان سيوهڻ لاءِ روانو ٿيو آهي. جيڪو مختلف رستن ۽ شهرن کان ٿيندو سيوهڻ شهر پهچندو هيءُ قافلو ضلعي صدر مولانا ظهور حسين روحاني ۽ جنرل سيڪريٽري سجاد حسين بروهي جي اڳواڻي ۾ سوين گاڏين تي مشتمل هو.جيڪو ٻهريائين هنگورجا ڪئمپ تي پهتو جتي ڪين جو سوبديرو جي صدر زوار مريد حسين لاڙڪ ۽ سندس ڪابينا، جن ۾ زوار محبوب علي سهتو بابر علي منگي، پير بخش لاڙڪ، زين عباس لاڙڪ سميت تعلقي جي 25 يونٽن جا عهديدار شامل هئا، جن هنگورجا ڪئمپ تي پهچڻ وقت سندن مٿان گلن جي ورکا ڪري قافلي جو شاندار استقبال ڪيو جنهن بعد قافلا گڏيل طور تي شهداءِ سيوهڻ شريف جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ منزل طرف روانا ٿيا. جتي مذهبي عقيدت ۽ احترام سان پروگرام ۾ شموليت ڪئي وئي.

بقايا 23

عورت ۽ معصوم نينگري سميت 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا رپورٽ موجب لکي غلام شاه ويجهو دودو ڳوٺ پرسان موٽرسائيڪل ۽ ٽرڪ 2 عورتون فوت ۽ 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا اطلاع ملڻ تي جهان خان پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتين ۽ زخمي کي ڪاٺي تعلقه اسپتال لکي غلام شاه ۾ منتقل ڪيو ويو. فوتي ۾ مسمات جنت خاتون زال امداد بگٽي، مسمات نصيبا خاتون زال غلام محمد بگٽي، ٿلڌي تي فوت ٿي ويون جڏهن ته زخمين ۾ عبدالڪريم ولد فيض محمد بگٽي، مسمات گل ناز زال رمضان بگٽي ۽ معصوم نينگري وحيده ڌي غلام محمد بگٽي شامل آهن. ٻئي طرف فوتي ۽ زخمي سکر شهر جي قريشي ڳوٺ جا رهواسي هئا جهان خان پوليس ٻڌايو ته خراب حالت ۾ ٽرڪ بيٺي هئي جن جي پويان ڪاٺ پيل هو جن جي مٿان موٽرسائيڪل تيز رفتار ۾ چڙهي وئي عورتون روڊ مٿان ڪري پئي اينڊڙ ٽريڪٽر ٽرالي هيٺيان اچي 2 عورتون جيجاڻيون فوت ٿي ويون ۽ 3 ڄڻا سخت زخمي ٿيا آهن جهان خان پوليس

بقايا 24

، احمد علي پنهور، خادم ٿهيم، طاهر لغاري، پير بخش، شهزادو، عجيب ٻپر، اياز سولنگي ۽ ٻين هٿن ۾ بينر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته پورو شهر ڪنبرات بڻجي ويو آهي ڪامورا ڪرپشن ڪان سواءِ ڪجهه نه ٿا ڪن دادو واسي بنيادي سهولتن کان محروم آهن هنن چيو ته ميونسپل ڪاميٽي دادو جي ساليانى 72 ڪروڙ روپيه بجيٽ هجڻ باوجود شهر گندگي جي ور چڙهيل آهي شهري پيئڻ جي پاڻي ڦڙي لاءِ پريشان آهن پبلڪ هيلٿ کاتي جا ڪامورا 6 مهينن دوران 20 ڪروڙ 11 لک روپيه ڪيرائي فراڙ ٿي ويا آهن هنن چيو ته ايريگيشن کاتي ۾ ٻوڏ بعد 10 ارب روپيه جاري ٿيا جيڪي ڪرپشن جي ور چڙهي ويا آهن روڊس کاتي ۾ 6 ارب روپيه جاري ٿيڻ باوجود پورو شهر ڪنبرات جو ڏيک ڏئي رهيو آهي روڊ رستا ٽٽل آهن. هنن چيو ته سياسي مداخلت سبب ڪامورا ڪرپشن ڪن ٿا ڪير به سندن کان پڇڻ وارو ناهي ضلعي جي سيني کاتن جي 17 سالن جي آڊٽ جو مطالبو ڪيو ٿا ڪرپشن ڪندڙ ڪامورن ۽ ساٿاري سياسي ماڻهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي مظاهرين چيف جسٽس سنڌ کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي ڪرپشن ڪندڙ ڪامورن کي جيل پيرو ڪري ايماندار آفيسر مقرر ڪري شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيو وڃن

بقايا 25

آزاد لغاري ۽ مزدور يونين جي اڳواڻ وزير علي گاڏهي ڳالهائيندي چيو ته 2022ع واري مهاٻوڏ ڪانپوءِ ڳوٺ ٻٽي وارا ڪوسا، ڳوٺ ماٺو خان چانڊيو ۽ ڳوٺ ميوو چانڊيو جو قديمي روڊ اجڙي چڪو آهي جنهن سبب ڳوٺاڻا شهر اينڊي ويندي سخت پريشاني جي منهن ڏئي رهيا آهن. اڳواڻن مطالبو ڪندي چيو ته چونڊيل نمائندا هن معاملي جو جلد کان جلد نوٽيس وٺن ۽ ڳوٺاڻن منجهه پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪرائين ٻي صورت ۾ احتجاجي مظاهرن جو سلسلو جاري رکيو ويندو.

بقايا 26

جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 50 سالا صوبدار ولد غلام حيدر عمراڻي ٿڏي تي فوت ٿي ويو فوتي جي لاش کي شهدادپور جي سمس اسپتال پهچايو ويو جتي ڊاڪٽرن فوتي جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ضروري ڪاروايون ڪرڻ بعد مڙهه کي وارثن حوالي ڪيو ويندو، فوتي جو تعلق شاهپور چاڪر پرسان ڳوٺ امان الله ڌاهري جو ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 27

چيو ته سي سيڪشن پوليس انچارج سفير جاگيراڻي اسان سان مسلسل ناجائزيون ڪري رهيو آهي ڪالهه شام اسان جو نوجوان ولي محمد ولد اشرف گولو کي پوليس مبينا ڪنهي گهر ڪري ڇڏيو آهي هن تائيم تائين نوجوان جو ڪو ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو آهي ۽ پنج ڏينهن اڳ اسان جي نوجوان مقبول احمد ولد اشرف گولو کي سي سيڪشن انچارج سندس ٽيم ڪيس گم ڪرڻ بعد پنج لک به آئي فون گهر ڪئي ته ڏيڻ تان نوجوان کي فل فرائي جي ڌمڪي ڏني ۽ اسان ڏائي جي عدالتي ڇاپو هٽايو تهن کان اڳ پوليس اسان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ۽ منهنجو ڀيو پٽ صفدر علي کي ماني پهچائڻ لاءِ ويو ته ان کي به جاچ لاءِ چئي ٿاڻي تي لاڪپ ڪيو ويو آهي هاڻي اسان پوليس جي مسلسل ناجائزين جي ڪري ميڊيا ذريعي اختيارين سميت ايس ايس پي ڪشمور زبير نظير شيخ کي اپيل ڪيو ٿا ته اسان جي نوجوان تي جيڪي به ڪوڙو ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ويو انهن جي انڪوائري ڪرائي وڃي اسان کي انصاف ڪيو وڃي ۽ ڪالهه کان اسان جو نوجوان پوليس گم ڪري ڇڏيو آهي ان کي بحفاظت اسان جي حوالي ڪيو وڃي انچارج سفير جاگيراڻي خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف ڏياريو وڃي

بقايا 28

پريل مرزا کي اغوا ڪري فرار ۽ نامعلوم جڳهه تي ملزمان گيهه جي ڪاڏي خالي ڪري اچي رهيا هئا ته پنگريو موري تي احل علاقه ملزمان کي خالي گاڏي سميت پڪڙي ورتو ۽ مالڪان ۽ اهل علاقه پڪڙيل ملزمان کي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 29

ٿائيلنڊ سميت 15 ملڪن مان وڌيڪ 118 پاڪستانين کي ڊي پورٽ ڪيو ويو ڪجهه کي ڪراچي پهچڻ تي گرفتار ڪيو ويو آهي. اميگريشن ذريعن موجب سعودي عرب مان پاسپورٽ گم ٿيڻ، بليڪ لسٽ، معاهدي جي پڄاڙي ۽ غيرقانوني ڪم ڪرڻ جي الزامن سميت 61 پاڪستانين کي بيدخل ڪيو ويو ذريعن موجب غيرقانوني طور تي عراق ۾ داخل ٿيل، وڌيڪ وقت گذارڻ تي 15 پاڪستانين کي واپس اماڻيو ويو. جڏهن ته عمان مان 7 پاڪستاني غيرقانوني داخل ٿيا. اجر طرفان نوڪرين مان هٽائڻ ۽ بليڪ لسٽ ٿيڻ تي ڪين واپس اماڻيو ويو انهي ڪان علاوه آمريڪا ۾ هڪ پاڪستاني کي قبول نه ڪرڻ جوڳو قرار ڏئي واپس اماڻيو ويو ڪوريا ۾ به هڪ پاڪستاني کي داخل ٿيڻ نه ڏنو ويو. جڏهن ته ٿائيلنڊ ۾ هوٽل جي بڪنگ نه هئڻ ۽ سفر خرچ گهٽ هئڻ تي 2 پاڪستانين کي انٽري نه ڏني وئي. ذريعن ٻڌايو آهي ته بحرين، يوگنڊا، ڪينيا، قبرص، مراڪش، ڪوريا، سينيگال، بوسٽوانا مان هڪ هڪ پاڪستاني کي ڊي پورٽ جڏهن ته جاپان مان 2 پاڪستانين کي وزٽ ويزا جي لاءِ مطمئن نه ڪرڻ سبب ملڪ مان نيڪالي ڏني وئي

بقايا 30

تي اسان کي تمام گهڻو فخر آهي ۽ ميزبان شهر جي حيثيت سان ڪراچي پنهنجي ڪرڪيٽ جي بنيادي ڍانچي ۽ سڄي دنيا جي ٽيمن سميت مداحن جي مهمان نوازي ڪرڻ جي لاءِ اسين مڪمل طور تي تيار آهيون هن چيو ته شهر جي بنيادي ڍانچي جي ترقي ۽ هڪ اهم اسٽيڪ هولڊر جي حيثيت سان اسين پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ سان مڪمل تعاون ڪري رهيا آهيون جڏهن ته چيمپئنز ٽرافي جي دوران پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي خدمتن کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ اسين پرعزم آهيون ۽ ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جا مختلف ادارا بشمول کي ايم سي ۽ واٽر ڪارپوريشن پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن سان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن ته جيئن هن بين الاقوامي ايونٽ کي ڪامياب ۽ يادگار رکي سگهجي هن چيو ته اسان کي هن باوقار بين الاقوامي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي ميزباني ڪرڻ تي فخر آهي ۽ پي سي بي اختيارين سميت چيمپئنز ٽرافي ۾ حصو وٺندڙ سمورين ٽيمن ۽ مداحن کي يقين ڏياريون ٿا ته اسين توهان کي هڪ آرامده ۽ خوشگوار ماحول کي يقيني بڻائيندي بغير ڪنهن رڪاوٽ جي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر خدمتون فراهم ڪنداسين ميئر ڪراچي چيمپئنز ٽرافي جي ميزباني ڪراچي کي ڏيڻ تي پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته ڪراچي ۾ چيمپئنز ٽرافي جو انعقاد عالمي سطح تي ڪرڪيٽ جي لاءِ هڪ سٺو پيغام آهي ٻئي طرف ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ جي هدايتن تي ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان آئي سي سي چيمپئنز ٽرافي 2025 جي حوالي سان نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي انتظامن بابت هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آن ڏس ۾ ايس او ٿو ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن سردار شاه خط جاري ڪندي لاڳاپيل اختيارين کي چيو ته چيمپئنز ٽرافي کان اڳ نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ۽ ان جي آس پاس ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا انتظام مڪمل ڪيا وڃن ۽ سمورين شڪايتون مڪمل طور تي ختم ڪيون وڃن فوڪل پرسن برائي هائيڊرينٽس سيل شهباز بشير سمورن جڏهن ته ايگزيڪيوٽو انجنيئر ورڪشاپ شفقت حسين ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر سيوريج وقار احمد نيڪالي جي انتظامن جي نگراني ڪندا ان کان علاوه چيمپئنز ٽرافي جي دوران اسٽيڊيم ۾ مفت واٽر ٽينڪرز فراهم ڪيا ويندا ۽ اسٽيڊيم اندر واٽر ٽينڪرز جيٽنگ ۽ سکشن مشينون موجود رهنديون جڏهن ته ڪنهن به شڪايت يا هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ واٽر ڪارپوريشن جو عملو اسٽيڊيم ۾ موجود رهندو

بقايا 31

دريا خان مري ويجهو مصرجيواهه واسي 36 سالہ ظهير پٽ عبدالستار ڌاهري پکي ۾ ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي فوتي جو لاش پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ رورل هيلٿ سينٽر دريا خان مري آندو ويو پوسٽ مارٽم ۽ پوليس ڪاروايءَ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي سندن گهر ڪهرام مچي ويو فوتي جي وارثن ٻڌايو ته فوتي نوجوان جو ذهني توازن درست نه هيو جنهن ڪري هن خودڪشي ڪري زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

بقايا 32

شروعات 10 فيبروري سومر ڏينهن کان ٿيندي، جيڪا 15 فيبروري تائين پورو هفتو صوبي ۾ جاري رهندي. راندين واري وزارت سنڌ جي ترجمان جو چوڻ هو ته سنڌ پنڪ گيمز جو افتتاح 10 فيبروري سومر ڏينهن منجهند جو ڪراچي گلشن اقبال ۾ راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر ۽ راندين وارو سيڪريٽري ڪندا. جڏهن ته سنڌ پنڪ گيمز ۾ سنڌ جي سيني ضلعن مان 6 هزار کان وڌيڪ عورتون حصو وٺنديون. سنڌ جي راندين واري ترجمان موجب سنڌ پنڪ گيمز 2025 ۾ سيني ضلعن وچ ۾ 15 مختلف راندين جا مقابلا ٿيندا، جن ۾ ائٿليٽڪس، ٽيبل ٽينس، بيڊ منٽن، فٽبال، ڪرڪيٽ، هاڪي، مارشل آرٽ، ونجهه وٽي، رنگ بال، وولي بال، باڪسنگ، ٿرو بال ۽ ڪوڪو گيمز شامل آهن.

بقايا 33

سروس دوران لاڏائو ڪري ويندڙ سرڪاري ملازم جي هڪ فيملي ميمبر کي سرڪاري ملازمت جي ڏنل سهولت واپس ورتي وئي آهي. ان سلسلي ۾ اسٽيبلشمنٽ ڊويزن باضابطا آفيس ميمورنڊم جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ سيني وزارتن ۽ ڊويزنز کي نئين فيصلي تي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته اها سهولت سپريم ڪورٽ جي 18 آڪٽوبر 2024 جي فيصلي جي روشني ۾ واپس ورتي وئي. سروس دوران لاڏائي ڪري وڃڻ جي صورت ۾ سول سرونٽس کي وزيراعظم مددگار پيڪيج تحت حاصل پيون مراعتون ۽ سهولتون جاري رهنديون. اسٽيبلشمنٽ ڊويزن وضاحت ڪئي ته قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسين جا اهي شهيد، جيڪي دهشتگردي جي واقعن ۾ شهيد ٿيندا آهن. انهن جي وارثن تي فيصلو لاڳو نه ٿيندو. جڏهن ته اهو فيصلو سپريم ڪورٽ جي فيصلي کان اڳ ڪيل مقررين تي به لاڳو نه ٿيندو.

بقايا 34

مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته موجوده پارليامينٽ جعلي آهي جيڪا ڌانڌلي ذريعي وجود ۾ آئي. جيڪڏهن عوام روڊن تي آيو ته ايوان ۾ زلزلي جهڙي صورتحال هوندي. جي يو آءِ (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته موجوده پارليامينٽ جي ڪا به حيثيت نه آهي، منهنجي پارليامينٽ عوام آهي، عوام جيڪڏهن روڊن تي اينڊو ته ايوان ۾ زلزلي جهڙي صورتحال هوندي. هن چيو ته اسان پنهنجي جدوجهد ناهي ڇڏي، ميدان ۾ رهنداسين ۽ اوهان جي ايوان تائين پهچنداسين. فلسطين بابت ڳالهيون ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو چوي ٿو ته سعودي عرب ۾ فلسطينين کي آباد ڪنداسين. فلسطيني غزه ۾ بمباري جي باوجود جميل رهيا. هن چيو ته غزه ۾ 50 هزار کان وڌيڪ ماڻهو شهيد ٿيا پر مجاهد جميل رهيا اسان فلسطينين سان گڏ کلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهيون. مولانا فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته آمريڪا ڪان ولي سموري دنيا ۾ مدرسا ختم ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي. گذريل سال 8 فيبروري تي بدترين ڌانڌلي ڪئي وئي، سموري دنيا ۾ آمريڪا کي طاقتور سمجهيو پيو وڃي، ٽرمپ دنيا جو سيني کان وڏو چريو آهي. جي يو آءِ سربراهه چيو ته منهنجي پارليامينٽ عوام آهي، افغانستان، عراق ۽ شام مان ماڻهن هجرت ڪري ورتي. فلسطيني واحد قوم آهي جيڪا غزه تي بمباري ٿي پر جميل رهيا. 50 هزار کان وڌيڪ ماڻهو شهيد ٿيا پر مجاهد پوئتي نه هٽيا. هن چيو ته جيستائين منهنجي طاقت زنده آهي ڪير به قاديانيت نٿو آڻي سگهي، قاديانيت يهودين جي پيداوار آهي. اسان پنهنجي جدوجهد ناهي ڇڏي، اسان سياسي جهاد جي رستي تي قائم آهيون.

بقايا 35

(ڪي ايم سي) سمورين پارڪنگ سائٽس مفت ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪي ايم سي جي پارڪنگ سائٽس تان جلد ڪا فيس وصول نه ڪئي ويندي، اهو فيصلو عوامي مفاد ۾ ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ڪي ايم سي هاڻ پنهنجي پيرن تي بيٺي آهي، ان جي اڪائونٽ ۾ هاڻ اربين رپين کان وڌيڪ جي رقم موجود آهي. ڪي ايم سي کي 4 کان 5 ڪروڙ رپين جي ضرورت ناهي. سندس چوڻ هو ته نوٽيفڪيشن جاري ڪري پارڪنگ فيس جو بار هٽايو ويندو، ڪي ايم سي جي نالي تي غير قانوني پيسا وٺندڙن کي گرفتار ڪيو ويندو. ڪراچي جي 106 مرڪزي روڊن تي 46 پارڪنگ سائٽس تان فيس نه ورتي ويندي. عوام کي سهولت فراهم ڪرڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي. مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي جي 25 ٽائونز، 6 ڪنٽونمينٽ بورڊز ۾ پارڪنگ فيس برقرار رهندي.

بقايا 36

نيتن ياهو جي فلسطينين کي بي دخل ڪري سعودي عرب ۾ فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جي بيان کي سختي سان رد ڪري ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا موجب اسرائيلي وزيراعظم جي بيان تي ردعمل ڏيندي پرڏيهي وزارت چيو ته نيتن ياهو جو فلسطينين کي بي دخلي جو بيان رد ڪيون ٿا. مصر به نيتن ياهو جي بيان جي مذمت ڪندي ان کي سعودي عرب جي خود مختياري جي پڄڪڙي قرار ڏيندي چيو ته سعودي عرب جي سلامتي مصر جي ريڊ لائن آهي. گڏيل عرب امارتن به اسرائيلي وزيراعظم جي بيان جي سخت مذمت ڪندي ان کي مذمت جوڳو ۽ ڇڙ ڏيارڻ قرار ڏنو

بقايا 37

آجيان ڪئي وئي. هالا ۽ مٽياري ۾ گڏ ٿيل عوام جي ميڙن کي خطاب ڪندي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته اسان سنڌو ۽ سنڌ کي بچائڻ جي لاءِ پيغام کڻي نڪتا آهيون. سنڌ مٿان هن وقت ٻين مصيبتن سان گڏ هنن حڪمرانن جي به پيون ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ سنڌو درياءِ تي ڪئنالن ناهڻ وارين مصيبتون مڙهيون آهن. جن سان سنڌ جي زمين اسان سنڌين کان کسي مختلف ڪمپنين کي ڏني ويندي ۽ اسان جي جياپي جو واحد ذريعو سنڌو درياءِ مان ڪئنال ڪڍي سنڌ کي ريگستان بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هي حڪمران وساري ويٺا آهن ته سنڌي قوم سنڌ خلاف ڪا به سازش برداشت ناهي ڪندي. اهي خواب ضيا الحق ۽ جنرل مشرف به ڪئي آيا هئا پر سنڌ جي ماڻهن سياسي جدوجهد سان انهن کي جهڪائي ڇڏيو نواز شريف ايٽمي ڌماڪا ڪرڻ ڪانپوءِ ڪبر ۽ غرور سان اعلان ڪيو ته آئون سنڌو درياءِ تي ڪالاباغ ڊيم ناهيندس پر سنڌ جي عوام ان جي انهي تڪبر ۽ غرور واري اعلان کي مٽي ۾ دفن ڪري ڇڏيو ان ڪري هي حڪمران نه وسارين ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي وطن ۽ سنڌو درياءِ ڪسڻ تي خاموش ويهندا. ايس ٽي پي جي چيئرمين چيو ته هن منصوبن جي پويان پ پ آهي جنهن کي سنڌ جي ماڻهن ووٽ ڏئي اقتدار تي پهچايو پر هن سنڌ جي ماڻهن سان دوکو ڪري انهن جي وطن ۽ جياپي جو ذريعو سنڌو درياءِ خلاف سازشن ۾ برابر جي شريڪ آهي. ڪئنالن جي منصوبن تي ملڪ جي صدر آصف زرداري اسلام آباد ۾ ويهي دستخط ڪيا سنڌ جي لاءِ هي موت جو پروانو جاري ڪيو ويو ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته هي جنگ ڏکي ضرور آهي پر هن جنگ ۾ سنڌي قوم سياسي جدوجهد سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ هنن بدمست حڪمرانن کي شڪست نصيب ٿيندي. هن چيو ته سنڌ مان چونڊيل نمائندا سنڌ جي قومي اجتماعي مسئلن ۽ ناانصافين تي خاموش تماشائي بڻيل آهي ڪين اهو نه وسارڻ گهرجي ته ڪين وري واپس عوام موٽڻو آهي. هن چيو ته گذريل ڇهن مهينن کان سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي اسان جو هي قافلو ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين عوام وٽ وڃي ڪين سجاڳ ڪري رهيو آهي. عوامي جاڳرتا مهم بعد هنن حڪمرانن جي خلاف ڀرپور احتجاجي تحريڪ شروع ٿيندي. جنهن جو پهريون ڏاڪو 24 فيبروري تي حيدرآباد ۾ لکين ماڻهو گڏ هن منصوبن خلاف پنهنجو تاريخي احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا. ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي عوام کي هٿ مٽي کڻائي وچن ورتو ته هو پنهنجي وطن ۽ وسيلن جي هن جدوجهد ۾ فتح حاصل ڪرڻ تائين جدوجهد جاري رکندا. ان موقعي ايس ٽي پي جي مرڪزي اڳواڻ گلزار سومرو، نثار ڪيريو، هوت خان گاڏهي، جام شوڪت ابڙو، عبدالفتاح گاهوٽي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 38

ڊرائيور کي به گرفتار ڪيو ويو. ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن تي مجموعي طور 3,34,360 رپيا ڏنڊ لڳايو ويو. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ٽريفڪ قانونن جي نفاذ کي وڌيڪ سخت ڪيو پيو وڃي، ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف بنا فرق ڪاروايون جاري آهن. روڊن تي بدنظمي ۽ غيرقانوني گاڏيون برداشت نه ڪيون وينديون. هن وڌيڪ چيو ته عوام جي حفاظت اسان جي پهرين ترجيح آهي. جيڪو به قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندو ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. روڊن کي محفوظ بڻائڻ ۽ حادثن جي روڪٿام لاءِ مهم جاري رهندي.

بقايا 39

ڊار ۽ ايراني هم منصب عباس عراقچي وچ ۾ ٽيليفون تي رابطو ٿيو آهي. پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب ٻنهي پرڏيهي وزيرن وچ اوير جي صورتحال ۽ غزه ۾ فلسطينين جي خراب حالت تي ڳالهين جي ڏي وٺ ڪئي. اسحاق ڊار غزه جي ماڻهن کي بي گهر ڪرڻ جي تجويز کي پريشان ڪندڙ ۽ غير منصفاڻي قرار ڏيندي زور ڏنو ته سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب ٻن رياستن جو حل ئي واحد قابل عمل ۽ منصفاڻو آپشن آهي. پاڪستان خودمختار فلسطيني رياست جي قيام جي حمايت جاري رکندو. پرڏيهي وزير انهي معاملي تي غور فڪر لاءِ او آءِ سي پرڏيهي وزيرن جو اجلاس گهرائڻ لاءِ پاڪستان جي حمايت کان به آگاهه ڪيو. ٻنهي انهي معاملي تي رابطو برقرار رکڻ تي پڻ اتفاق ڪيو.

بقايا 40

آغا خان جي لاڏاڻي تي تعزيت جي لاءِ پرتگال روانو ٿي ويو آهي. صدر آصف علي زرداري پرتگال جي راڄڌاني لزبن ۾ پرنس ڪريم آغا خان جي پٽ ۽ اسماعيلي ڪميونٽي جي 50هين امام پرنس رحيم آغا خان سان ملاقات ڪندو صدر آصف علي زرداري پرتگال جي صدر مارسيلو ريبيلودي سوسا سان به ملاقات ڪندو. ياد رهي ته گذريل ڏينهن پرتگال جي شهر لزبن ۾ اسماعيلي مسلم ڪميونٽي جي امام پرنس ڪريم آغا خان جون آخري رسمون ادا ڪيون ويون. پرنس ڪريم آغا خان جي تدفين اڄ مصر جي شهر اسوان ۾ ڪئي ويندي. پاڪستان جي نائب وزير اعظم محمد اورنگزيب پرنس ڪريم آغا خان جي جنازي نماز ۾ خصوصي شرڪت ڪئي. نائب وزير اعظم اسماعيلي ڪميونٽي جي 50هين امام پرنس رحيم آغا خان سان به ملاقات ڪئي ۽ صدر، وزيراعظم ۽ پاڪستاني عوام طرفان تعزيت جو اظهار ڪيو.

بقايا 41

ڪيو آهي. سنڌو درياهه بچايو تحريڪ جي ڪنوينر سيد زين شاه جي صدارت ۾ جي ايم سيد ايڊيفيس جامشورو ۾ سنڌ جي قوم پرست جماعتن جي اڳواڻن جي گڏجاڻي ٿي گذري. جنهن ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي مرڪزي آرگنائيزر مجيد سيال، جيئي سنڌ قومي محاذ شهيد بشير خان جي آرگنائيزر ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سيد لال شاه جيئي سنڌ قومي پارٽي اڳواڻ نواز خان زنئور، جيئي سنڌ قومي محاذ آريسر اڳواڻ فتح چنا، جيئي سنڌ محاذ رياض چانڊيو جي اڳواڻ غفار ميرجت شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سيد زين شاه سمورين جماعتن ۽ اڳواڻن کي باضابطا طور سنڌو درياهه بچايو تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني. جيڪا قبول ڪندي اڳواڻن انهن ڳالهين تي اتفاق ڪيو ته سنڌودرياهه تي غيرقانوني جبري طور تي ٺهندڙ ڪئنالن خلاف گڏيل ڀرپور تحريڪ هلائينداسين. سمورن اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌو درياهه بچايو تحريڪ جو ڪنوينر سيد زين شاه جيڪو به فيصلو ڪندو ان ۾ مڪمل ساٿ ڏينداسين.

بقايا 42

بڌل نوٽ ۾ لکيو ته قانون جي آئيني هجڻ يا نه هجڻ جو جائزو صرف آئيني بينچ وٺي سگهي ٿو ڪنهن ريگيولر بينچ وٽ آئيني تشريح جو اختيار نه آهي. پنهنجي نوٽ ۾ جسٽس محمد علي مظهر لکيو ته آئيني بينچ صحيح طريقي سان 2 رڪني بينچ جا حڪم ناما واپس ورتا ويا. 26هين ترميم هن وقت آئين جو حصو آهي. ترميم ۾ سڀ ڪجهه ڪليل ڪتاب جيان چٽو آهي. اسان انهي ترميم تي اکيون ۽ ڪن بند نٿا ڪري سگهون. جسٽس محمد علي مظهر اهو به لکيو ته اهو صحيح آهي ته ترميم چيلينج ٿي چڪي ۽ ڌرين کي نوٽيس به جاري ٿي چڪا آهن پر ڪيس فل ڪورٽ ۾ مائڻ جي درخواست جو ميرٽ تي فيصلو ٿيندو. 26هين ترميم کي پارليامينٽ يا سپريم ڪورٽ جو فيصلو ئي ختم ڪري سگهي ٿو جيستائين ائين نٿو ٿئي، معاملا انهي ترميم جي تحت ئي هلندا فاضل جج چيو ته آئيني تشريح گهٽ ۾ گهٽ پنج رڪني آئيني بينچ ڪري سگهي ٿي، ڪنهن ريگيولر بينچ کي اهو سڀ ڪجهه نه ڪرڻ گهرجي جيڪو اختيار ڪنهن آئين انهي کي نٿو ڏئي، 2 رڪني بينچ جي ٽيڪس ڪيس ۽ بنيادي حڪم ناما واپس ٿي چڪا آهن. بنيادي حڪم نامن کان پوءِ ڪيل سموري ڪارروائي بي وقتي آهي. ياد رهي ته آئيني بينچ جسٽس منصور علي شاه ۽ جسٽس عقيل عباسي جا حڪم ناما واپس ورتا هئا. جسٽس محمد علي مظهر آئيني بينچ جي فيصلي سان اتفاق ڪندي نوٽ جاري ڪيو.

بقايا 43

خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تعلقه ڪشمور جي سڏ تي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪشمور کان گبولو بشراڄ تائين 12 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري ريلي ڪڍي وئي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي اعلانيل پيادل مارچ ۾ جسقم، عوامي تحريڪ، عوامي ورڪرز پارٽي سميت مختلف سياسي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪشمور کان سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي تعلقه صدر حضرت مزاري، هدايت جکراڻي، جسقم صدر مهتاب سنڌي، ملوڪ مزاري، وحيد سنڌي، شاه گل مزاري، عوامي تحريڪ جي تعلقه صدر ضمير چنو، عوامي ورڪرز پارٽي جي عبدالحميد ڪوسو، سعيد احمد ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ صبح جي وقت شروع ڪيل پيادل مارچ ريلي جو ٻيا موڙ ۽ گبو جي مختلف هنڌن تي شهرين پاران آجيان استقبال ڪيو ويو. جڏهن ته پيادل مارچ دوران سنڌو تي ڌاڙو نامنظور، ڌاڙو نامنظور، ڪشمور جو امن بحال ڪرايو جا زوردار نعرا هنيا ويا. 12 ڪلوميٽرن جو مفاصلو مسلسل 6 ڪلاڪ پنڌ ڪرڻ بعد ڪشمور کان نڪتل پيادل مارچ ريلي گبو بشراڄ پهچڻ بعد پيادل مارچ ريلي جي اڳواڻن پاران سنڌو درياءَ کي گلن جي پيتا پيش ڪئي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته سنڌ سان مائٽلي ماءُ وارو سلوڪ رکيو پيو وڃي هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت سنڌو درياءَ تي ڌاڙو هڻي سڪائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي، سنڌو تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو سنڌ جو هر فرد سنڌو تي ڌاڙي خلاف سراپا احتجاج بڻيل آهي هنن وڌيڪ چيو ته گذريل ڪيترن ئي عرصي کان ڪشمور ضلعي ۾ هٿراڏو بدامني پيدا ڪري ڪشمور ضلعي جو امن امان تباهه ڪيو ويو آهي هتي جا رهاڪو خراس ۽ خوف واري زندگي گذاري رهيا آهن 100 کان وڌيڪ ڏينهن گذرڻ باوجود ڏينهن ڏٺي اغوا ڪيل راجيش ڪمار بازياب نه ٿي سگهيو آهي. ضلعي ۾ قتل اغوا، ڌاڙا لٽ ڦروڙ جو معمول بڻيل آهي پوليس امن امان جي صورتحال بهتر ڪرائڻ بدران آپريشن جو ڊرامو رچائي صرف بجيٽ هڙپ ڪري رهي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌو تي ڌاڙو هڻڻ لاءِ سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي ۽ ڪشمور ضلعي ۾ بدامني تي ڪنٽرول ڪري امن امان جي صورتحال بحال ڪئي وڃي.

بقايا 44

واري عمل خلاف غوٺپور پريس ڪلب ۾ هنگامي اجلاس ٿي گذريو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سياڻي صبح 11:30 وڳي ان عمل خلاف پريس ڪلب غوٺپور جي صحافين طرفان ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي بس اڏي کان احتجاجي ريلي ڪڍي غوٺپور پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 45

سينيٽر علي ظفر چيف جسٽس آف پاڪستان يحيٰ آفريدي کي خط لکي ڇڏيو. علي ظفر خط ۾ سپائوڪو اجلاس ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي. خط ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي سينارٽي تڪرار جو حوالو ڏيندي لکيو ويو آهي ته معاملو حل ٿيڻ تائين اجلاس ملتوي ڪيو وڃي. جڏهن ته سپريم ڪورٽ جا 4 جج ۾ اجلاس ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪري چڪا آهن. خط ۾ لکيو ويو آهي ته ججن جي ٽرانسفر سان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي سينارٽي لسٽ تبديل ٿي وئي ۽ ججن جي بدلي سان تاثر آهي ته پي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي جي اپيلن لاءِ بندوبست ڪيو ويو آهي. مناسب هوندو ته ججن جي سينارٽي جو معاملو حل ٿيڻ تائين ڪميشن اجلاس ملتوي ڪيو وڃي. سينيٽر علي ظفر خط ۾ درخواست ڪئي آهي ته جيڪڏهن ڪميشن کي اجلاس ڪرڻو ئي آهي ته بدلي ٿيل ججن جو معاملو غور هيٺ نه آندو وڃي.

بقايا 46

مادل يونائيٽيڊ نيشنز (ميوٽ من) جون ٽن ڏينهن وارين تقريبون پڄاڻي تي پهتيون، اختتامي تقريب جي مهمان خاص چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاه چيو ته انجنيئرنگ پڙهڻ جو مطلب ناهي انجنيئر ٿيو دنيا کليل آهي موقعا ڪوڙ آهن پنهنجي پاڻ کي پيش ڪرڻ جي ڏانءُ هجڻ جي پاڻ کي مارڪيٽ لا تيار ڪرڻ گهرجي، پڙهڻ گهرجي. هن چيو ته اقوام متحده جهڙن فورمز تائين وڃڻ جو موقعو مليو آهي پنهنجي ڳالهه دنيا کي سمجهائڻ ۽ مڃرائڻ وڏي ڳالهه آهي. هن چيو ته جيئن ميڊيڪل جي ڊاڪٽرن کي هائوس جاب ڪرڻي پوندي آهي تيئن انجنيئرن کي به ائين صنعتي ادارن ۽ ڪمپنين ۾ هڪ سال ڪم ڪرڻ گهرجي. سيد آصف حيدر شاه چيو ته هارورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ پڙهيو آهيان اتي استادن سيکاريو ته وسيلا خرچ ڪيئن ٿا ڪجن اها وڏي مهارت آهي هن چيو ته ناروي ۽ نائيجيريا کي ڏسو چيف سيڪريٽري چيو ته نائيجيريا ۽ ناروي تيل جي حساب سان شاهوڪار ملڪ آهن پر نائيجيريا پنهنجي وسيلن جي درست استعمال نه ڪرڻ ڪري پوئتي ويو هن چيو ته جيترو اختيار آهي اوتري ذميواري به آهي هن چيو ته جيڪو ڪم ڪجي انهي ۾ محنت ۽ ايمانداري هجڻ ضروري آهي. چيف سيڪريٽري چيو ته فيصلا ڪرڻ جي جرئت پهريون شرط آهي. هن چيو ته هارورڊ ۾ اليڪٽرانڪس ڪمپني جي صدر سان ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن جي ڳالهين مان سبق سکڻ جو موقعو مليو. سيد آصف حيدر شاه چيو ته ڪرير هميشه مٿي ايندي آهي. روح راڙو نه ڪجي، محنت ڪجي، هن چيو ته جڏهن آئون ڪمشنر حيدرآباد هئس ته شام جو نڪرندو هئس سڀ پروٽوڪول جي هڪڙي ڏينهن جامشورو کان حيدرآباد پئي آيس ڪلٽس ڪار ۾ دوست سان پوليس وارن روڪيو پڇاڻون ڪير آهيو ڪيلهانهن ٿا وجو تعارف بعد چيائون جو هڪڙي پوليس واري پئي ڪان پڇو ڪير آهن چيائين پيٽل آهن چوي ٿو ڪمشنر حيدرآباد آهيان. چوڻ جو مطلب ماڻهن کي بنا پروٽوڪول ڏسي اعتبار نٿا ڪن ته ڪو ڪمشنر آ چيف سيڪريٽري ائين ويندو هوندو چيف سيڪريٽري چيو ته مهراڻ يونيورسٽي جو تمام سٺو ڪم پئي ڪري توهان مهراڻ لا ذاتي طور به جيڪو ڪري سگهنديس ضرور ڪندس. چيف سيڪريٽري چيو ته پنهنجي مادر علمي ۾ وڏي عرصي بعد آيو آهيان هتي اچي دل کي راحت ملي آهي. منهنجا ٻه ٻار ۽ هڪڙي پيڻ مهراڻ مان پڙهيل آهن. گهر جا چار فرد مهراڻ جا آهن. مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته چيف سيڪريٽري مهراڻ يونيورسٽي جي 86 بيچ جو سول انجنيئر آهي اسان کي خوشي آهي ته هو پنهنجي اداري ۾ آيو آهي. وائيس چانسلر چيو ته سنڌ صوبي ۾ قانون سازي ۽ فيصلا سازي وارن عهدن تي مهراڻ يونيورسٽي جا المنائيز ويٺل آهن. ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته مثبت روين جي سکيا ۽ تربيت لا اهڙين ڪانفرنس جو ٿيڻ ضروري آهي. هن ڪانفرنس مان شاگردن کي سفارتڪاري، ڳالهه ٻولهه ۽ تضادن جي حل ڪرڻ جي فن سکڻ جو موقعو ملي ٿو ميوٽ من جي ٽه ڏهاڪي مڪمل ٿيا آهن. ميوٽ من جي ڪاميٽين ۽ ڪم ڪندڙ ۽ منتظمين کي چيف سيڪريٽري سنڌ مڃتا شيلڊون ۽ ايوارڊ ڏنا. اختتامي تقريب ۾ ڪمشنر حيدرآباد بلال احمد ميمڻ، ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر قادري، مهراڻ يونيورسٽي جي پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر انيل ڪمار ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ميوٽ من ۾ ٻهرين پيرو پاڪستان ۽ آرٽيفشل انٽيليجنس جو تيار ڪيل ٿريٽر ڊيڪاريو ويو. ميوٽ من جي ڪانفرنس دوران فلسطين-اسرائيل معاملي، غاز تي ٿيندڙ حملن. ڪشمير معاملي، سائبر سيڪيورٽي اشوز، ماحولياتي تبديلين ۽ ايٽمي هٿيارن تي بحث ڪيو ويو. جڏهن ته پاڪستان جي قومي اسيمبلي ۾ 26هين آئيني ترميم، عدالتي خودمختياري سميت ٻين اشوز تي بحث ڪيو ويو ۽ قراردادون پيش ٿيون. جنرل سيڪريٽري حنين الحق ميوٽ من جي تقريبن جي اختتام جو اعلان ڪيو ميوٽ من جي 8 ڪميٽيز ۾ يونائيٽيڊ نيشنز سڪيورٽي ڪائونسل. ورلڊ هيٽ آرگنائيزيشن، پاڪستان نيشنل اسيمبلي، يونائيٽيڊ نيشن ڊولپمينٽ پروگرام شامل آهن جڏهن ته ٻهرين رات ٿيٽر ڊرامو پيش ڪيو ويو. ميوزيڪل پرفارمنس ۾ نوجوان تمام گهڻا لطف اندوز ٿيا. ميوٽ من جي 8 ڪاميٽين ۾ ساڍا چار سئو شاگرد شامل آهن. ميرپورخاص پبلڪ اسڪول، حيات گرلز ڪاليج حيدرآباد جي شاگردن ۽ شاگرديائين سميت سنڌ جي مختلف ادارن جي شاگردن شرڪت ڪئي. جڏهن ته لاهور، اسلام آباد ۽ ڪراچي سان تعلق رکندڙ ڪميٽي ڊائريڪٽرس ميوٽ من ۾ حصو وٺندڙ شاگردن ۽ شاگردن کي سکيا ڏني.

بقايا 47

ڪار ملڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته منهنجي ڪار جي اپل آءَ سعدي موسائٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او عبيد الله ميبيجو چيڪنگ دوران ڪاروائي ڪندي هٿ ڪري ورتي آهي جن مون کي اطلاع ڏنو ته گاڏي ڪيتري ئي عرصي کان پوءِ ملي وئي آهي هن چيو ته مان ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي ۽ ايس ايڇ او سعدي موسائٽي ۽ سندس ٽيم جو ٿورائتو آهيان جن منهنجي گم ٿيل ڪار هٿ ڪئي آهي

بقايا 48

رٽائرڊ ملازمن ۽ يتيم خاندانن جي خلاف بٽايل قانون ڪاٽي پينشنرن جا حق داءَ تي لڳايا ويا آهن. احمد سلمان شاهين، رياض احمد عباسي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي فيصلي باوجود رٽائرڊ ملازمن جي گروپ لائيف انشورنس جي رقم جي ادائگي ۾ غير معمولي دير ڪئي پئي وڃي. آءِ پي پيز جي پرائيويٽ مافيا جي ملي ڀڳت سان هلندڙ سرڪاري پاور پلانٽس جينڊش، جينڪوز جي ملازمن ۽ پينشنرن جي معاشي قتل عام جي خلاف ڪراچي پريس ڪلب آڏو پر امن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو.

بقايا 49

، سجاد پنهور، واجد ڪوسو جي اڳواڻي ۾ ريلي، 3 ڪلو ميٽر پيادل مارچ گهنٽا گهر چونڪ تي ڌرڻو هنيو پاڻي تي ڌاڙو نامنظور ڪارپوريٽ نيلامي نامنظور جا نعرا هڻندا هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو اڳواڻن خطاب ڪندي چيو سنڌو درياءَ مان 6 تڪراري ڪئنال ڪڍي سنڌ جي سرسبز زمينن کي بنجر بڻائڻ جو منصوبو جوڙيو ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي سان سنڌ جون زمينون نيلام ڪيون پيون وڃن جنهن جي پرزور مزمت ڪجي ٿي

بقايا 50

يو بي ايل بئنڪ جي اي ٽي ايم مشين وٽ ڏينهن ڏٺي جوارپيلو پيرزاده کان اي ٽي ايم ڪارڊ ڦر ڪرڻ جي ڪوشش هڪ ڄڻي کي شهرين سوگهو ڪري ورتو ٻه ڄڻا فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا شهرين سوگهو ڪيل ڌوهاري کي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته نوسر باز ٽولي جو تعلق پنجاب سان ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 51

ڳوٺ گاهي سامتيو ۾ گذريل رات دير سان 8 کان وڌيڪ نامعلوم هٿياربند پوليس اهلڪار جي اوطاق تي قبضو ڪري، اوطاق ۾ ستل ٻن ماڻهن کي يرغمال بڻائي، ٽريڪٽر کاهڻ سان گڏ ٻنهي ڄڻن کي اغوا ڪري ورتي مغوين کي ڪيترائي ڪلوميٽر پنڌ ڪرائڻ بعد اڌ رستي تي ڇڏيو ويو ٽريڪٽر کاهي فرار، پاڳين پاران پيرا کڻايا ويا جيڪي رشيدوڳڻ پرسان غائب ٿي ويا، پيرائتي خبر موجب رشيدوڳڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ گاهي سامتيو ۾ گذريل رات دير سان 8 کان وڌيڪ هٿياربندن سب انسپيڪٽر محمد خان سامتيو جي اوطاق تي ڪاهه ڪري اوطاق ۾ ستل ٻن ڄڻن امير جانوري ۽ سڪندر سيال کي ننڊ مان اٿاري يرغمال بڻائي اوطاق ۾ بيٺل ٽريڪٽر کاهڻ سان گڏ ٻنهي ڄڻن کي اغوا ڪري ڪٽي ويا ٻنهي ڄڻن کي ڪيترائي ڪلوميٽر پنڌ ڪرائڻ بعد خيرپور جوسو لڳ سر شاخ وٽ ڇڏي ڌوهاري ٽريڪٽر کاهي فرار ٿي ويا جنهن بعد ٻن ڄڻن کي اغوا ڪندڙ ڌوهارين جا پيرا کڻايا ويا رشيد وڳڻ ٿاڻي جي حد ۾ مختلف علائقن کان ٿيندا لاڙڪاڻو رشيدوڳڻ روڊ ملڪاڻي لاڙي وٽ غائب ٿي ويا. ان سلسلي ۾ سب انسپيڪٽر محمد خان سامتيو صحافين کي ٻڌايو ته رات ڌوهارين منهنجي اوطاق تي قبضو ڪري ننڊ ستل سڪندر علي سيال ۽ امير جانوري کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪين اغوا ڪرڻ سان گڏ منهنجو ميسي ٽريڪٽر پڻ کاهي ويا هن ٻڌايو ته اوطاق ۾ ستل ٻن ڄڻن کي ڌوهارين ڪافي ڪلوميٽر پنڌ ڪرائي خيرپور جوسو لڳ سر شاخ وٽ ڇڏي ٽريڪٽر کاهي فرار ٿي ويا هن ٻڌايو ته اسان ڌوهارين جا پيرا کنيا آهن جيڪي رشيدوڳڻ ٿاڻي جي حد ملڪاڻي لاڙي وٽ غائب ٿي ويا آهن هوڏانهن ڳيرلو ۽ رشيدوڳڻ ٿاڻي جي حدن ۾ اوچتو ڌوهارو سرگرمين ۾ وڌارو اچڻ تي جتي روڊ رستا نه ڳوليا بٽيل هئا ٿي پر هاڻي ڪوبه شخص پنهنجي گهرن اوطاقن تائين به محفوظ ناهي رهيو ۽ ڳوٺاڻا راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته ڳيرلو توڙي رشيدوڳڻ پوليس صرف نالي ماتر گشت ڪانسواءِ ڌوهارين خلاف ڪا به موثر ڪاروائي ناهي ڪري سگهي.

غلام الله لڳ ڳوٺاڻن بنيادي سهولتون نه ملڻ تي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

ڳوٺاڻن جي ڪتي جواب جي اطلاع تي ٽائون چيئرمين، ڊي ايس پي ٽنڊو پوليس نفري سان پهتا

پاڻي لاءِ ڊي سي ۽ چيئرمين کي درخواستون ڏنيون پر سهولت ناهي ملي: ڳوٺ عبدالرزاق سمون واسي

ڳوٺاڻن جي نه مڃڻ تي ڊي سي ۽ اي سي پهچي ويا، خاطرين بعد ڳوٺاڻن ٻارڙن کي ڦڙا پياريا

غلام الله (رپورٽ پيرل پياسي) غلام الله لڳ درگاهه بولا شاهه /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

غلام الله: پوليو مهم جي بائيڪاٽ بعد عملدار ڳوٺاڻن سان ڳالهيون ڪري رهيا اهن

ڏوڪري ۾ شهيد سرويچ پيرزادو جي 34 هين سالگرهه ملهائي وئي

ڏوڪري (قاضي سهيل) شهيد سرويچ پيرزادو جي 34هين /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

سکر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان ڏوهاري شهري کان موٽرسائيڪل ڦري ويا

سکر (بيورورپورٽ) سکر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد هاڪي /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

شڪارپور ۾ سول سوسائٽي جي پاره چنار ۾ فرقيواريت ۽ ڪي پي سرڪار خلاف ريلي

جهاز چوڪ کان نڪتل ريلي جي اڳواڻي نصرالله اوڍاڻو، عامر ميراڻي، نثار خان ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

پارا چنار ۾ ٿيندڙ فرقي واريت جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، ڀائيچارو قائم ڪيو وڃي: نصرالله اوڍاڻو

ناهه ۽ قانون جي پيڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ايڪشن ڪٽي امن بحال ڪرايو وڃي: عامر ميراڻي ۽ ٻيا

شڪارپور (رپورٽ امتياز علي مري) شڪارپور سول سوسائٽي طرفان پارا چنار ۾ ٿيندڙ فرقي واريت ۽ ڪي پي ڪي جي حڪومت جي خلاف جهاز چوڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

لاڙڪاڻي جي قديمي مسجد ۾ ساليانو عرس ۽ دستار فضيلت جو پروگرام، عالمن جي شرڪت

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تنظيم اصلاح الفقراءِ حسينه نقشبنديه پاڪستان جي مجلسي شوره جي ميمبر مولوي محمد علي حسيني /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

شهدادپور ويجهو موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب نوجوان فوت

نوجوان عاشق خاصخيلي جي 125 موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ بعد وڻ سان وڃي لڳي

حادثي ۾ نوجوان عاشق خاصخيلي زخمي ٿي پيو، جنهن اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو

شهدادپور (رپورٽ: رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ويجهو مقصودو رند ڀرسان 125 موٽرسائيڪل سوار جي موٽرسائيڪل سلپ ٿي وڃڻ سبب وڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

شهدادپور: موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب فوت ٿيل نوجوان، ننڍي تصوير سندس حياتي جي آهي

نصير آباد هاءِ اسڪول جي امتحان ۾ پوزيشن ڪٽندڙ ٻارن ۾ ايوارڊ تقسيم

ڇهه ماهي امتحان ۾ پوزيشن ڪٽندڙ شاگردن کي سندن والدين ۽ استادن ايوارڊ ڏنا

پوزيشن ڪٽندڙن جي والدين پاران خوشي جو اظهار سندن کي گلن جا هار پارايا ويا

نصير آباد (رپورٽ: اعظم ٽگڙ) هاءِ اسڪول نصيرآباد جي اسيمبلي سيشن ۾ شاگردن کان ورتل مڊ ٽرم امتحانن ۾ ٽاپ پوزيشنز ڪٽندڙ شاگردن کي /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

سکر ۾ ڪير مافيا سرگرم، عوام کي سستي ڪير خريد ڪرڻ کان محروم ڪرڻ جون ڪوششون

شاليمار ۽ ٻين علائقن ۾ قائم ڪير جي دوڪانن تي 100 کان 120 رپيا في ڪلو ڪير وڪرو ڪندڙ دوڪاندارن کي حراسان ڪرڻ جو سلسلو جاري

مافيا سستو ڪير وڪرو ڪندڙن خلاف ڪيميڪل ڪير ڪپائڻ جي پروپيگنڊا ڪري عوام کي گمراهه ڪرڻ لڳا

سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ملڻ ڪري ڪيترائي دوڪاندار خوف ۾ مبتلا، اختيارين کان تحفظ جي گهر

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ ڪير مافيا سرگرم، عوام کي سستي ڪير خريدڻ ڪرڻ کان محروم ڪرڻ جون ڪوششون مختلف حربا استعمال /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

خيرپور جي ناز پائلٽ هاءِ اسڪول ۾ ونجهه وٽي چئمپين شپ، چمپئين ڪلب خيرپور ميدان ماري ورتو

خيرپور (ڊر) سنڌ اسپورٽس اينڊ يوٿ آفيسر ڪاتي جي وزير محمد بخش مهر، سيڪريٽري عبدالعليم /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

GOVT BOYS
MODEL HIGH
SCHOOL NASIRABAD
نصيرآباد: مڊٽرم امتحانن ۾ پوزيشن ڪٽندڙ شاگردن کي انعام ڏيڻ واري تقريب بعد نڪتل گروپ فوٽو

لاڙڪاڻي ۾ شاگرد يونين جي بحالي لاءِ شاگردن جي ريلي ۽ ڌرڻو

1984 ع ۾ شاگرد يونين مٿان پابندي لڳائي وئي، هاڻ ختم ڪئي وڃي: نعيم بلوچ

شاگرد يونين مٿان لڳايل پابندي ختم ڪري شاگردن سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن طرفان شاگرد يونين جي بحالي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

سکر ۾ بروهي برادري جو لکي پوليس خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

پوليس قتل ڪيس وٺڻ بجاءِ واپس موٽائي ڇڏيو آهي: گل خاتون بروهي

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻيون اختياريون نوٽيس وٺي انصاف ڪن: مطالبو

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف شڪارپور ضلعي تعلقي لکي غلام شاهه واسي بروهي برادري جي عورتن ۽ مردن پاڪ ڪتاب /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

لاڙڪاڻي ۾ سماجي تنظيمن طرفان سرسبز پاڪستان عنوان هيٺ مچ ڪچهري

اسان جي تهيل ڦيٽي تي دنيا ترقي ڪئي: سجاد سومرو

مچ ڪچهري ۾ ناليوارن سگهڙن قومي حوالي سان بيت ٻڌائي واهه واهه ڪرائي ڇڏي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سماجي تنظيم گرين سنڌ فائونڊيشن ۽ پاڪستان بچايو تحريڪ طرفان شهر جي روشن پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

SHIKAR PUR PRESS CLUB
SUJ
PECA ACT 2025
احتجاجي مظاهره
KPK
شڪارپور: سول سوسائٽي پاران پارا چنار ۾ امن لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻو آرٽس ڪائونسل ۾ "پيار زندگي آ" اصلاحي اسٽيج ڊرامو پيش

ثقافت کاتي جي سهڪار سان مشهور ليکڪ محبوب گل ٽوٽاڻي جو ڊرامو پيش ڪيو ويو

ڊرامي ۾ گهريلو ۽ معاشرتي مسئلن کي فوڪس ڪيو ويو آهي: ليکڪ محبوب گل ٽوٽاڻي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) نواب پراڊڪشن طرفان ثقافت کاتي جي سهڪار سان ليکڪ ۽ مشهور فنڪار محبوب گل ٽوٽاڻي جو سنڌي اصلاحي /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

ڪنڌڪوٽ جي قبرستان ۾ دعا لاءِ پهتل شهري جي موٽرسائيڪل چوري

جمن شاهه قبرستان ۾ پيارن لاءِ دعا گهرڻ آيس ته پويان گاڏي چوري ٿي وئي: واجد سومرو

ايس ايس پي نوٽيس وٺي موٽرسائيڪل واپس ڪرائي ۽ امن امان کي يقيني بڻائي: متاثر

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهارين جون ڪارروائيون جاري جمن شاهه قبرستان ۾ دعا /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

مدرسه جامعه حيدريه لقمان ۾ 37 هين ساليانو دفاع صحابه ڪانفرنس

پارا چنار ۾ پرڏيهي مداخلت ڪارڻ حالتون خراب آهن: ايم احمد لڌيانوي

پيڪا قانون نافذ ڪرڻ جو مقصد سوشل ميڊيا تي ٿيندڙ ناڪاري پروپيگنڊا کي روڪڻ لاءِ آهي

خيرپور: (ڊر) مدرسه جامعه حيدريه لقمان ۾ 37 هين ساليانو دفاع صحابه ڪانفرنس منعقد ٿي سُني رابطا ڪائونسل جي مرڪزي اڳواڻ مولانا /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

ڄامشورو ۾ ٽن ڏينهن وارو اسپورٽس ميلو پڄاڻي تي پهتو، انعام تقسيم

سنڌ سرڪار طرفان ڪرايل ميلي جي آخري ڏينهن مختلف راندين جا مقابلا ڪرايا ويا

ڊائريڪٽر اسپورٽس مقابلا کٽيندڙن ۾ چاندي جا ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا

ڄامشورو (ڊر) اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز کاتي سنڌ حڪومت پاران ڄامشورو ۾ ضلعي اسپورٽس کاتي جي ميزباني ۾ ٽن ڏينهن کان جاري راندين /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

سيوهڻ سانحي کي 8 ورهيه ٿي ويا، گولڊن گيٽ جي احاطي ۾ ورسي تقريب، ٻيٽا پيش

واقعي جي ذميوارن کان عوام بي خبر آهي حڪومت ۽ انتظاميا کي پنهنجي ذميداري ادا ڪرڻ گهرجي: ساجد نقوي

سيوهڻ سميت ڪراچي، خيرپور، شهداد ڪوٽ، نوابشاهه، شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي واقعن جي حقيقتن کي منظر عام تي آڻيو وڃن

پاره چنار جي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي، عوام ۽ انتظاميه غير محفوظ بڻيل آهي: ٽيليفونڪ خطاب

سيوهڻ (عبدالستار ملاح) قلندر سانحي کي 8 سال مڪمل، سرڪار شهيدن کي وساري ڇڏيو، سرڪاري سطح تي ڪا به تقريب منعقد نه ڪئي وئي، شعيا علماء ڪائونسل پاڪستان صوبا سنڌ پاران قلندر لعل شهباز مزار تي ڌماڪي /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

سيوهڻ: قلندر لعل شهباز جي درگاهه تي ٿيل ڌماڪي کي 8 ورهيه مڪمل، شهيدن جي ياد ۾ ڪوٺايل ورسي جو ڏيک

خانپور ٽول پلازه کان نڪرندڙ روڊ کنڊر بڻيل، مختلف ڳوٺن جي رهواسين جو احتجاج

50 سالن کان پ پ جا ووٽر آهيون، پر افسوس ڳوٺن ڏانهن ايندڙ رستا اڃان ڪچا آهن: محمد پناهه ۽ ٻيا

چونڊيل نمائندن جي درن تي وڃي وڃي ٿڪي پيا آهيون جتان پڻ سڪڻ دلاسن کانسواءِ ڪجهه نه پيو ملي: ڳوٺاڻا

وزيراعليٰ مراد علي شاهه ۽ پ پ جي اعليٰ قيادت فوري نوٽيس وٺي، روڊ ٺهرائي ڏين: ڳوٺاڻن جو مطالبو

شڪارپور (رپورٽ: امتياز علي مري) شڪارپور لڳ خانپور ٽول پلازا کان نڪرندڙ رستي تي مختلف ڳوٺن محمد پناهه ڪوڪر، مالڪ ڏنو لوهر /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

ڪڪڙ لڳ آل پاڪستان چارڻ برادري جو ڪٺ، محمد اقبال چارڻ کي سرداري پڳ ٻڌرائي وئي

ڳوٺ نهال چارڻ جي چارڻ هائوس ۾ آل پاڪستان چارڻ برادري جو ايم عارب جي اڳواڻي ۾ ڪٺ ٿيو

برادري جي چڱن مڙسن جي فيصلي بعد محمد اقبال چارڻ پڳ ٻڌرائي وئي

ڪڪڙ (غلام نبي نائچ) ڪڪڙ لڳ آل پاڪستان چارڻ برادري جو ڪٺ، محمد اقبال چارڻ کي سرداري پڳ ٻڌرائي وئي ڪڪڙ لڳ ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

ڪڪڙ: چارڻ برادري جي ڪوٺايل ڪٺ ۾ ايم اقبال چارڻ کي سرداري جي پڳ ٻڌرائي پئي وڃي

پٽ شاهه ۾ فهد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

پوليس قاتل شهباز ۽ شوڪت کي نه پئي پڪڙي: والد محمد خالد

قاتل سرعام گهمي رهيا آهن، انصاف ڪيو وڃي: وقار ۽ ٻيا

پٽ شاهه (ن پاڪ) بيگناهه نوجوان کي قتل ڪندڙ قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي حيدرآباد ۾ قتل ٿيل فهد سني گدي جي وارثن پاران پٽ شاهه ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

نيوسعيدآباد قومي شاهراهه تان ڪوچ ڊرائيور گاڏي مان لاهي مبينا اغوا، مارڪٽ بعد بازياب

لاهور کان ڪراچي ايندڙ فيصل موورز ڪوچ جي ڊرائيور افضل کي 5 ڪار سوار گاڏي مان لاهي مبينا اغوا ڪري ويا

غلط سائيڊ کان اچڻ تي ڪرولا ڪار سوارن ڪوچ جا شيشا ڀڳا ۽ ڊرائيور کي مارڪٽ ڪرڻ بعد چاٻي سميت ڪنيي ويا

جوابدارن ڊرائيور کي نوابشاهه ڪٽي مارڪٽ ۽ حراسان ڪرڻ بعد ڪيس ڇڏي ڏنو آهي (ذريعا) رپورٽ داخل نه ٿي سگهي

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

Rana Gulam Nabi
Chairman
پٽ شاهه: مقتول نوجوان جا وارث سماجي تنظيم جي اڳواڻ سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

UAN 111 22 44 88
نيوسعيد آباد: ڊرائيور جي اغوا ڪارڻ گاڏي قومي شاهراهه تي بيٺل آهي

لکي غلام شاهه ڀرسان ارڙي وبا بي قابو، نينگري ۽ نينگر حياتيون وڃائي ويٺا

ڳوٺ حبيب ڪوٽ ۾ ارڙي ڪارڻ 4 سالن جي عثمان ۽ ٽن ورهين جي نينگري لاريب مهر دم ڏنو

ڪافي معصوم ٻارڙا ارڙيءَ وبا ۾ مبتلا آهن جن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي: شبير احمد مهر

ڳوٺ حبيب ڪوٽ ۾ ميڊيڪل ٽيم موڪلي معصومن جون زندگيون بچايون وڃن: عمران مهر

لکي غلام شاهه (رپورٽ ڳوگي رام) لکي غلام شاهه لڳ ڳوٺ حبيب ڪوٽ ۾ ارڙيءَ وگهي 2 نينگر فوت ارڙيءَ جي وباءَ بيماري تيزي سان ڦهلجڻ لڳي ارڙيءَ وگهي 4 سالن جو نينگر عثمان والد عبدالرزاق مهر 3 سالن جي نينگري لاريب /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

لاڙڪاڻي ۾ پ پ اڳواڻ جميل سومرو جيالي آصف عباسي سان سندس ڏاڏي جي وفات تي تعزيتي ڪئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

ملير ۾ سماجي تنظيم "منهنجا مارو مليرجا" جي عهديدارن جي حلف برداري تقريب

سماجي تنظيمون هميشه مسئلن بابت ڌيان ڇڪائينديون آهن: نظير احمد پٽو

اسان جو مقصد انسان ذات جي ڀلائي ۽ علائقائي ترقي آهي: سماجي تنظيم جا اڳواڻ

ملير (ڊ ر) سماجي تنظيم "منهنجا مارو ملير جا" پاران نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب گلشن حديد ۾ ٿي گذري، تقريب ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

ڀائر زبردستي پرائڻ چاهين ٿا، اغوا جي به ڪوشش ٿي: ڪوثر چانڊيو

ننڍپڻ ۾ سڱ طئي ٿيو هو، مان اتي شادي لاءِ راضي ناهيان

ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ ڏنو وڃي: ناري جي دانهن

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ مير محمد چانڊيو جي رهواسڻ نوجوان ناري ڪوثر چانڊيو پنهنجي ڀاءُ سان گڏ پريس ڪلب پهچي /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

نوشهروفيروز: ناري ننڍي ڀاءُ سان گڏ زبردستي پرائيندڙ ڀائرن خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

وڪيلن ۽ پوليس ۾ تڪرار معاملو: ڪميشن ٺاهڻ لاءِ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري کي خط

سنڌ پوليس وڪيلن واري معاملي جي عدالتي انڪوائري لاءِ اي چيف سيڪريٽري کي خط لکي ڇڏيو آهي

قانون جي حڪمراني لاءِ پوليس ۽ وڪيل اهم حصيدار آهن، پر انصاف لاءِ جاچ ڪرائي وڃي: سنڌ پوليس

قانون تحت ڪار کي روڪيو ويو، جنهن تي وڪيل برادري طرفان معاملي کي وڌايو ويو آهي: خط ۾ موقف

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) پوليس ۽ وڪيلن وچ ۾ تازي تڪرار تي سنڌ پوليس جوڊيشل ڪميشن ٺاهڻ جي لاءِ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري کي خط لکي ڇڏيو آهي. خط ۾ هڪ وڪيل جي ملوث هجڻ جي مبينه واقعي /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

سيتارجا مان اغوا ٿيل ڀيل برادري جي ڇوڪري بازياب نه ٿي، احتجاج

4 مهينا اڳ ڪرينا ڀيل عثمان آباد مان پراسرار نموني گم ٿي وئي آهي: وارث

پوليس سهڪار نٿي ڪري، اختياريون نوٽيس وٺي نياڻي بازياب ڪرائين: اپيل

سيتارجا (اشفاق احمد شيخ) چار مهينا اڳ محلا عثمان آباد جي رهواسي هندو اقليتي ڀيل برادري /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

سيتارجا: ڀيل برادري ناري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري رهي آهي

ٽنڊو مٺا خان جي مدرسه مظهرالعلوم ۾ دستار فضيلت ڪانفرنس، ناليوارن عالمن جي شرڪت

چوٽياريون (ن پاڪ) مدرسه مظهرالعلوم سرويه جامع /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

هالاڻي ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني خلاف ٽيٻا برادري جو مظاهرو

ڳڏريل ڏينهن، ڏينهن ڏٺي جو غفار ٽيٻي کان ڦورو ڦر ڪري ويا آهن: دين محمد ٽيٻو

ايس ايس پي نوشهرو فيروز فوري نوٽيس وٺي ايس ايڇ او کي بدلي ڪرائي: مطالبو

ڪوٽڙي محمد ڪبير (ن پاڪ) هالاڻي ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني خلاف ٽيٻا برادري جي ماڻهن پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير اڳيان پوليس /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

سکر لڳ جامعه اسلامي اشاعت القرآن ۽ حديث پاران دستار فضيلت جي 29 هين ساليانو تقريب

سکر (بيورو رپورٽ) جامعه اسلامي اشاعت القرآن ۽ حديث، نئين ڳوٺ سکر پاران منظم ڪيو فرقان /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ڪوٽڙي محمد ڪبير: بدامني خلاف ٽيٻا برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۾ ناريجن هٿان مبينا مارجي ويل ڪوڙو رند جو معاملو، ميڙ وارن جا بيان رد

ميڙ منٽ قافلو وٺي ويندڙ رئيس غلام قادر چانڊيو جي بيان کي مڪمل طور رد ڪريون ٿا : هاشم ناريجو

ڪوڙو رند معاملي تي ناريجا برادري جي ڪا به غلطي ناهي پر اسان امن جا خواهشمند ضرور آهيون: ڳالهيون

خيرپور (ڊ ر) مل ڪالوني ۾ ناريجا برادري جي نيڪ مرد محمد هاشم ناريجو محمد يعقوب ناريجو استاد محمد بخش ناريجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪوڙو رند جي وارثن وٽ ميڙ منٽ قافلو وٺي ويندڙ رئيس غلام /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

شاعر سماج جي مزاج ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿو: علي آزاد

شاعري سڌيءَ ريت دل تي اثر ڪندي آهي، سارنگ امر نثر ۽ نظم ۾ پاڻ ملهايو آهي

شاعريءَ ۾ جماليات، رومانس ۽ تشبيهن توڙي محاوري جو درست استعمال نهايت اهم آهي

باڊهه: (رپورٽر) شاعر سماج ۾ قلم وسيلي تبديلي آڻي سگهي ٿو اهڙو اظهار سنڌي ادبي سنگت شاخ باڊهه جي گڏجاڻيءَ ۾ نقادن ڪيو. گڏجاڻيءَ /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

گسٽا ۽ سياسي ڌرين پاران پرائمري استادن جي ڌرڻي جي حمايت

سنڌ جي پرائمري استادن کي ٻين صوبن جيان مراعتون نه ٿيون ملن: جي ايم ابڙو

شفيع محمد سنيو جي قيادت هيٺ ڪراچي ۾ لڳندڙ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪبي: اڳواڻ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي پرائمري استادن کي هڪ وڏي عرصي کان سروس اسٽرڪچر ۽ ٻيا مسئلا حل نه ٿيڻ سبب سڀاڻي 10 فيبروري /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

باڊهه ۾ سماجي رضاڪار تحريڪ جو تيل اگهن ۾ واڌ خلاف مظاهرو

سرڪار پيٽروليم شين جا اگهه وڌائي عوام جون ڏکيائيون وڌائي ڇڏيون آهن: سارنگ امر

حڪمران بجلي ۽ گئس سميت عوام کي جائز سهولتون به نه پيا ڏين: علي رضا نوناري

باڊهه: (رپورٽر) تيل جا اگهه وڌائڻ خلاف سماجي رضاڪار تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سارنگ امر، قربان علي قرب پنهور، علي رضا /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

باڊهه: سماجي رضاڪار تحريڪ پاران تيل اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نصيرآباد ڀرسان جماعت اصلاح المسلمين جي نئين باڊي چونڊي وئي

ڳوٺ سعيد خان پنهور ۾ سال 2025 لاءِ نوان عهديدار چونڊيا ويا

صدر فقير سلطان احمد سيهڙ طاهري ۽ نظر محمد پنهور نائب صدر چونڊجي ويو

نصيرآباد: (رپورٽ اعظم ٽگڙ) نصيرآباد ڀرسان ڳوٺ سعيد خان پنهور ۾ جماعت اصلاح المسلمين برانچ سعيد خان پنهور جي سال 2025 لاءِ /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

خيرپور لڳ مارجي ويل سئي گئس ملازم جي جنازي نماز ادا

جنازي نماز ۾ ايم پي اي هالاروساڻ سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن جي شرڪت

مڙهه کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

خيرپور (ڊر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ احمد علي رند لڳ /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

ڳيريلو ويجهو هٿياربندن هٿان 2 ڄڻا اغوا، ٽريڪٽر به کاهي ويا

هٿياربندن ڳوٺ ڳاهي سامهون تي پوليس اهلڪار جي اوطاق تان ٻن ڄڻن کي اغوا ڪيو

پاڳين هٿياربندن جا پيرا کنيا، رشيد وڳڻ ڀرسان غائب ٿي ويا

ڳيريلو (ن پاڪ) ڳيريلي ڀرسان رشيد وڳڻ ٿاڻي جي حد /ڏسو صفحو 3 بقايا 51

سجاول جي ماستري جي لاءِ آءِ بي اي ٽسٽ پاس اميدوار انصاف جي لاءِ عدالت پهچي ويا

عدالت پاران سيڪريٽري ايجوڪيشن، آئي بي اي ۽ ٻين کي 28 فيبروري تائين مسئلو حل ڪرڻ جو حڪم

اميدوارن زاهد لغاري ۽ ٻين عدالت ۾ وڪيل علي اسدالله بلو معرفت عدالت سڄوري ۾ پٽيشن داخل ڪرائي

تعليم واري وزير سردار شاهه ۽ اڳوڻي سيڪريٽري ايجوڪيشن مسئلو حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي هئي: درخواست ۾ موقف

سجاول (رپورٽر) سجاول ۾ ماستريءَ لاءِ آئي بي اي ٽيسٽ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

گڏاپ ۾ وارهه واسڻ ناريءَ جو مائٽن خلاف احتجاج، تحفظ جو مطالبو

مائٽ ساهرن مٿان ڪوڙا بهتان مڙهي مونکي وڪرو ڪرڻ چاهين ٿا: ريشما ڪوسو

مائٽن جي ڪوڙي پٽيشن کي رد ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

گڏاپ (رپورٽر) واره لڳ ٽنيا ڳوٺ جي رهواسڻ ناري ريشمان ڌي حاجي ڏاڙهون ڪوسو پنهنجي مڙس سان گڏ گڏاپ پريس ڪلب پهچي پريس /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

گڏاپ: وارهه واسڻ ناري عزيز سان گڏ تحفظ جي لاءِ دانهي رهي آهي

پ پ اڳواڻ ڄام علي اصغر ۽ عبدالواحد هاليپوٽو ٻن ڊسپينسرين جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ڀهاڙين ۾ ڊسپينسري هجڻ سان عوام پريشان ناهي ٿيندو: ڄام علي اصغر

عبدالله جوڻيجو ۽ چوڌري دين محمد ڊسپينسري مان عوام ڀرپور فائدو وٺي: ڳالهيون

بدين (ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي جو ضلعي صدر ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل ڄام علي اصغر هاليپوٽو ۽ ترجمان سنڌ حڪومت ڄام عبدالواحد /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

ڪي پي جي عوام به انتشار جي سياست کي رد ڪري ڇڏيو: عظميٰ بخاري

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ عظميٰ بخاري چيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

سکر ۾ پوليس جو سماجي برائين خلاف ڪريڪ ڊائون، 13 جوابدار گرفتار

ايس ايس پي جي هدايتن تي روهڙي پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي 13 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدارن جي قبضي مان جوا جي مختلف گيمن جو سامان ۽ 64 هزار 650 رپيا روڪ رقم هٿ ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل جي هدايتن تي روهڙي پوليس جون سماجي برائين خلاف ڪاروائي 13 جوابدار گرفتار ڪيس داخل ترجمان ايس ايس پي سکر موجب ايس ايڇ او روهڙي ٽاٽو ڳچڇو اطلاع ملڻ تي جووا آڏن /ڏسو صفحو 3 بقايا 12



بالي ووڊ اداڪاره نون فنڪارن کي انسٽاگرام ڇڏڻ جي صلاح ڏئي ڇڏي

نوان فنڪار انسٽاگرام بدران پردي تي ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي ڌيان ڏين: اميشا پٽيل

اسان جي دور ۾ اداڪار فيشن ۽ دنياوي رجحان نه صلاحيتن کي بهتر بڻائيندا هئا: انٽرويو

ممبئي (م ڊ) بالي ووڊ اداڪارا اميشا پٽيل نون فنڪارن کي صلاح ڏني آهي ته هو انسٽاگرام بدران وڏي پردي تي بهترين ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي ڌيان ڏين. هڪ انٽرويوءَ دوران اميشا پٽيل فلم انڊسٽري ۾ وقت سان گڏ ايندڙ تبديلين تي ڳالهايو هن پنهنجي دور ۽ هاڻوڪي دور جي اداڪارن جي وچ ۾ فرق کي اجاگر ڪندي اسڪرين تي بهترين پرفارمنس جي اهميت تي زور ڏنو هن چيو ته سندن دور ۾ اداڪارن جي ڌيان جو مرڪز فيشن ۽ دنياوي رجحان نه پر سندن اداڪاري ۽ صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ هوندو هو سپر هٽ فلم "ڪهونا پيار هي" ذريعي شهرت ماڻيندڙ اميشا /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

دادو ۾ سماجي تنظيم جي سڏ تي پريا ڪماري ۽ ٻين ٻارڙن جي بازيابي توڙي سنڌو تي ڏاڙي خلاف ڌرڻو

اعجاز ملڪاڻي، سڪندر ڪوڪر، حميد ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو ويو، اڳوڻي وڏي وزير لياقت جتوئي جي به شرڪت

سنڌ پوليس سياسي ماڻهن جي غلام بڻيل آهي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ چيف آف آرمي اسٽاف نوٽيس وٺي: لياقت جتوئي

سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ پوري بنجر بڻجي ويندي، فيصلو واپس ورتو وڃي: اعجاز ملڪ

دادو (ڊ ر) دادو ۾ سماجي تنظيم جي سڏ تي پريا ڪماري ۽ ٻين ٻارڙن جي بازيابي ۽ سنڌو درياهه تي ڏاڙي خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو اڳوڻو وفاقي وزير لياقت علي جتوئي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي، سنڌ پوليس سياسي ماڻهن جي غلام /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

STAND UP FOR PRIYA
DON'T STAND BY
REE PRIYA KUMARI
دادو: سماجي تنظيم جي سڏ تي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ۽ سنڌو درياءَ تي ڏاڙي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سم پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي